# Sujag Sindh

## By A. J. Uttam

سجاڳ سنڌ

اي. جي. اتم

Asha Chand
12 B/2 Jethi Behan Society, Mahim
Mumbai - 400016
9769313331 | 9821473200.
www.AJUttam.com
Info@SindhiSangat.com

# سجاڳ سنڌ

ليکڪ

اي- جي- اُتم

# سجاڳ سنڌ

(جيئي سنڌ کان لوڪشاهي هلچل تاءِ)

ليکڪ: اي. جي. اُتم

جولاءِ ۱۹۸۴

قيمت ڪچو جلد ڏهه رپيا

ڪپڙي جو جلد پندرهن رپيا

**نئين دنيا پبليڪيشن**

بي-۹، ڊلوريڊا، سيتلاديوي روڊ، ماهم

بمبئي ۴۰۰۰۱۶ فون: ۴۶۴۱۳۶

# فهرست


١- سنڌو ديش جو رهبر ٩

٢- جيئي سنڌ کان سنڌو ديش ڏانهن ٢١

٣- جيئي سنڌ گيت جو ڪوي ٥٥

٤- سنڌ ۾ نئين سڄاڳي ٧٧



Sujag Sind by A. J. Uttam

1st Edition 1984

Price : Rs. 10/— Cloth bound. Lib. Ed. Rs. 15/—

Publisher : Naeen Dunya Publication, B-9, Florina, Sitladevi Rd., Mahim, Bombay-16. Phone: 464136

Printer : Vashdev G. Wadhwani (Prop.) "Sundri Printing Press" Gandhi Market Road, Near Municipal School, Chembur Colony, Bombay-74. Phone Resi. : 555 09 74

# ارپــــڻ

راجــا ڏاهــر

دودو ســومــرو

نــواب دريا خان

مخدوم شاهه بلاول

صوفي شاهه عنايت

سنت ڪــنــورام

هيمون ڪالاڻي

الله بخش سومرو

حيدر بخش جتوئي

پــروفيسر اشوڪ

کـــي

# سنڌو ديش جو رهبر

سنڌو ديش جو سپنو ساڪار بڻائڻ واري سنڌي سپوت سائين جي. ايم. سيد جو ۸۱ جنم ڏڻ ۱۷ جنوريءَ تي سنڌس ڳوٺ سن (دادو) ۾ ڀڀڪيدار نموني ملهايو ويو، جنهن ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آيل هزارين سنڌي شامل ٿيا. جن مان گهڻائي نه شاگردن ۽ جوانن جي هئي. چون ٿا ته ڪراچيءَ مان به هڪ سؤ کن مهاجر سنڌي سائينءَ لاءِ ۸۱ پائونڊن (مڻ) جو شاهي ڪيڪ کڻي آيا ته ڪن مخالف اڳوانن نيڪ تمنائن جا سنيها به موڪليا هئا. اهو سڀڪجهه سائينءَ جي ڳوٺ ۾ نظربند هئڻ جي باوجود ٿيو آهي.

حقيقت ۾ پاڪستان ٺهڻ بعد سائين ”جيئيم“ پنهنجي تمام گهڻي عمر يا ڪال ڪوٺڙي يا نظربنديءَ ۾ ئي ڪاٽي آهي. اهو انڪري جو هن نه قاعد-اعظم (جناح) اڳيان، نه قاعد-ملت (لياقت علي) ۽ نه قاعد-عوام (ڀٽي) اڳيان ڪنڌ جهڪايو ۽ نه هو وري ڪڏهن ايوب خان، يحيٰ خان ۽ ضياالحق جي ڊڪٽيٽريءَ کان ڊنو آهي. هنکي سڄو وقت پنهنجي سنڌو ديس جي ذات تنوار لڳل آهي. شاگردن کان وٺي وڏي ۾ وڏي شخصيت تائين جيڪو به وٽس اچي ٿو، ان سان هو ٻڌا للي چوڻيءَ جي پنهنجي اُصول، آدرش ۽ اُديش جي ڳالهه ٿي ڪندو رهي ٿو، جنهن ۱۹۶۴ ۾ هن ليک کي

سنڌ جي سفر وقت ساڻس مڪاميلو ڪندي معلوم ٿيو هو.

جڏهن ڪالوني ضيا ٿائين سڀني حاڪمن لوڙي تعصبي ۽ تنگدل مذهبي ليڪيدارن کي سائين جيئنديم سدائين منهن تي سچ ڦهڪائي ڏني هئيو آهي ۽ سقراط وانگر زهر جو پيالو پيئڻ جي به پرواهه نه ڪئي آهي. سيد سائين جي ان سچائيءَ ۽ صافگوئيءَ جي شروعات ورهاڱي تيڻ وقت ٿي ٿي جنهنجو اظهار سندس پهرئين اَهم ۽ انهاسڪ ڪتاب ”نئين سنڌ لاءِ جدوجهد“ (١٩٥٢) ۾ ملي ٿو. هن ان ۾ بـي باڪيءَ سان لکيو ”فرقيوار ذهنيت جا ماڻهو مونکي صاف گوئي ڇوڻ تي ڪٽي ڪهڙا به طعنا ڏين. آءٌ انهنجو عادي ٿي ويو آهيان. ليڪن هي ڇوڻ ڪان رهي نٿو سگهان ته هندن جي نڪري وڃڻ ڪري سنڌ جي پرڳٽي گهڻو نقصان سٺو آهي، جنهنجو پوراٺو ڪئين ورهين ٽائين به ڪين ٿي سگهندو.

”بهترين سائنسداس، انجنير، ڊاڪٽر، پروفيسر، ٽاجر سنڌي، ادب جا ماهر ۽ صوفي اسان وڃائي ويٺا آهيون هندن ڪانسواءِ سنڌ بسي پيئي لڳي. جتي هجن اُتي شال خوش هجن پر اسان کان ڪو نه وسرندا ۽ مٿن به فرض آهي ته پنهنجي پياري سنڌڙيءَ کي نه وسارين...... اگر يهودي ٻن هزار سالن ٽائين پنهنجي قوميت قائم رکي سگهيا ٿي ته هندن کي اچا ڪي سال به نه گذريا

آهن، نه ڪڏهن ڏيهه ڀاڙيل ٿيا ۽ ڏولاڻي جيسا ڏيهوڙا لوڪ ٿيا آهن ۽ نه ئي موٽي پنهنجي ماڳن تي اچڻ."

ان ساڳئي ئي ڪتاب ۾ هن سنڌ جي ماضي حال ۽ مستقبل جو جائزو به ڏنو آهي ۽ مختصر ۾ آئيندي جي راهه به ٻڌائي آهي، جنهن لکي ٿو "هن وقت سنڌ جي رهاڪن کي غور ڪرڻو آهي ته پنهنجي تهذيب زبان ۽ اقتصادي ۽ سياسي مفاد جي حفاظت لاءِ ڇا ڪرڻو اٿن. سنڌين اڳيان ٻه رستا کليل آهن: "سنڌي قوميت" ۽ ان سان گڏ عوام جو ڀلو ۽ آزادي ۽ (٢) ٻيو اسلامزم، فرقيوار ذهنيت، رجعت پسند طبقي جي حڪومت ۽ اينگلو آمريڪي ملڪ جي غلامي. ٻنهي مان هڪ کي ونڊو اٿن. جيڪڏهن پنهنجي روايت ۽ هستيءَ کي قائم رکڻو اٿن ته صاف لفظن ۾ سنڌ ان جي جدا قومي هستيءَ جي اصول ۾ اعتبار ڪرڻو پوندن. انڪري هو ڪري، گناهه نه ڪندا."

جيئنئي سالن "هڪ مسلم قوم پاڪستان" جي نظريي جي مخالفت ڪندي لکي ٿو "پاڪستان کي جدا جدا آزاد ۽ خود مختيار حڪومتن جو مجموعو ٿيڻ گهرجي، جنهن ۾ هر رياست (حڪومت) کي حق خود ارادي هئڻ گهرجي" ان ڪتاب تي سرڪار بندش وڌي جا اڃا نه لاٿي ويئي آهي.

جي. ايم. سيد پاڻ صدي کان اڳي جيڪي مثال

وچار ظاهر ڪيا هئا سي اڄ به سو سيڪڙو سچا آهن.
جن کي هن پنهنجي ڪتاب جي اڪيل ٻن ڪن ڪتابن ۾
اڃا به وڌيڪ سچائي صاف ۽ واضح سان ظاهر ڪندو
آيو آهي. انهن ڪتابن مان هو نه فقط راڄنيتي مدبر
۽ سنڌي الواس، ۽ مورا ۽ ڪلچرل جو هڪ اتهاسي
عالم ۽ نازڪو ساهتڪار به سڌ ٿئي ٿو. جن ان زماني ۾
ئي پڙهائي ڪهوٽ ئي سيڪيولر ۽ سوشلسٽ نگاهه کان
انهن روشني وجهندڙ گرانقدر "پيغام لطيف" ڇپايو
هو ان ۾ شاهه صاحب کي "نيشنلزم (قوميت) جو حامي"
۽ "جمهوريت (لوڪشاهي) جو طرفدار" "سوشلزم طرف
مائل" "ڊڪٽيٽرشپ يا فاشزم جو مخالف" "شاهوڪار
شاهي مخالف" ڪري ظاهر ڪيو آهي ۽ چيو آهي ته
هو "پين اسلامزم جو حامي ڪونه هو" هو وڌيڪ لکي
ٿو ته "شاهه صاحب سنڌ جي جملي رهاڪن لئي ٻيا
هندو مسلم فرق جي سنڌي ڪري تصور ڪيو آهي.
جن ماڻهن کي ساراهيو اٿس ان مان اڪثر هندو هئا
راءِ ڏياچ هندو راجا هو ۽ لاکو ڦلاڻي ڪڇ جو هندو
راجا هو، راڻو سوڍو هندو هو، مومل هندو راڻي هئي.
سسئي هندو نسل جي هئي اوڏ، جاڙيجا، واڳڙا، جوڳي
ناٿ، سنياسي، آديسي جنهن جو ذڪر شاهه صاحب پنهنجي
ڪلام ۾ ڪيو آهي، سي سڀ هندو هئا هين اڪثر
محمد بن قاسم جي آمد کان اڳي آهي اڪثر محمد

غزنويءَ کي ساراهيو اٿس. اورنگزيب ۽ ڪلهوڙن جي مذهبي سياست جو مٿس اثر پيل هو ته ضرور انهن جو نالو به پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آڻي ها، پر ڪٿي به اهو ڏسڻ ۾ نه ايندو. جي بلوچن کي ساراهيو اٿس ته ان ڪري جو اهي ٻاهران آئي حاڪم هئا، جن شريعتي (اسلامي) راڄ بدران ملڪ جي دستور پٽاندر حڪومت ڪئي. زماني ۾ نه ملن ۽ نه مولوين جي ساراهه ڪيل آهي بلڪ هڪلاڄ جي هلڻ، گڏگالي ڳجهڻ ۽ سنگت وچالڻ وارن سامين ۽ جوڳين کي ياد ڪري رنو اٿس." هيءَ ڪنڊو ته سورهيائيءَ واري سچ جو اظهار آهي!

اهڙو اظهار سيد سائين تڏهن ڪري سگهيو جڏهن ۾ سنڌيت جي رنگ ۾ خوب رنگجي ويو هجي پنهنجي "ادبي مضمون" واري ڪتاب ۾ ۱۹۵۴ ۾ لکيل هڪ مضمون ۾ چوي ٿو "مولڪي ته سنڌي قوميت اهڙو رنگ چاڙهيو آهي جو ان ڪانسواءِ ٻئي طرف نگاهه ڪرڻ لي دل ئي نٿي ٿئي. هيٺر آءٌ ان حالت لي پهتل آهيان جو اسلام پاڪستان، مسلماني وغيره جي سهڻن لفظن ۽ اظهارن جي ڄاري ۾ به مولڪي پنهنجي اصليت کان ڪير جدا ڪري ڪين سگهندو." ان ڪري لي ان ساڳئي ڪتاب ۾ ٻئي هڪ مضمون ۾ سنڌي اديبن کي سنڌين جي جدا قوميت جي بنياد تي سنڌي ادب پيدا ڪرڻ، جدائي ۽ مذهبي بنيادن جي

عيوض عقل ۽ علم جي بنياد تي سنڌي ادب جي
تعمير ڪرڻ ۽ ادب جي سنڌ جي ڪلچر ۽ زبان جو
محافظ ڪري سمجهڻ لاءِ اپيل ڪئي اٿس.

١٩٥٥ ۾ سنڌ جي پرانتڪ هستي ختم ڪري ون
يونٽ ٺاهڻ واري دور جي ڏاڍائي ۽ ناانصافي
جو چٽو ڏيڻ وري ١٩٥٦ ۾ لکيل ڪتاب "موجوده
سياسي مسئلا" ۾ ڏنو آهي، جيڪو ڪتاب پڻ ضبط
ڪيو ويو ان ۾ هن پاڪستان جي نظريي جي مخالفت
۽ سنڌي قوميت جي حمايت ڪئي اچي پڻ زوردار
نموني لکيو آهي، "سنڌي عوام پاڻ کي وطن، زبان
ادب ثقافت (ڪلچر) نفسياتي ساخت (مدووگيانڪ
انڌوعت) لاءِ پنهنجي روايات، سياسي اقتصادي مفاد جي
بنياد تي جدا قوم ٿا سمجهن. هن کي پتو پئجي ويو
آهي ته اسلام، پاڪستان ۽ مسلمان اتحاد جي نالي ۾
ڪين ڪيڏو نه دوکو ڏنو ويو آهي...... هاڻ هو ڪيڏي
نه قيمتي قومي هستيءَ ۽ وجود کي برقرار رکڻ لاءِ
ڏيندا ۽ سر ڌڙ جي بازي لڳائيندا...... پاڪستان جا
سڀ مسلمان هڪ جدا قوم آهن، اهو نظريو فرسوده
بيڪار ۽ نقصانڪار آهي...... انهيءَ کي قائم رکڻ
سنڌي قوميت جي هستيءَ، مفاد ۽ ترقيءَ لاءِ مانع
ٿيڻ برابر ٿيندو...... اسلام ۽ پاڪستان جي خطري
جو بولو هڪ قسم جو ٺڳ ونگ آهي."

۽ جاهل ۽ پارسا وڃي سکي لاءِ سکڻن لاءِ ۽ منهنجي
هزار ورهين جي ميراث سنڌ دانش جو ڳالهو مثال جي
ڪوشش وڃي لئي... ور جلد ڏکر ۽ ڏڪار وڃيا
سڪ ۽ سڪار ٿيندا."

ڪڏهن ڪڏهن راجنيتي اڳوان طرفان پنهنجي غلطيءَ
جي احساس جا ههڙا مثال ڇپا پاڻان ملندا، جهڙي
صرف سقراط جهڙا سچ چوندڙ ئي پيش ڪري سگهندا.
جي. ايم. سيد ۽ هڪ اهڙي انسان اهڙو سچ چوندو ئي
رهيو آهي سنه ۱۹٦٨-٦٧ وارو زمانو سنڌ جي شاهي
سڄاڳيءَ جو زمانو هو جڏهن ون يونٽ اُرڙ لهڙ ۽
جيئي سنڌ هلچل تيز طوفان واڪر وڌي رهي هئي. ان
وقت جي. ايم. سيد جا سقراطي ساهس جو ثبوت
ڏيندڙ ٻه ڪتاب ظاهر ڪيا (۱) جيئن ڏٺو آ مون ۽ (۲)
جديد سياست جا نوَ رتن.

ٻنهي ڪتابن ۾ جيئن سائين پنهنجي صوفي ويچارن
جي اوک ڊوک ڪئي آهي ۽ اسلام جي نالي ۾
پوغلائيندڙ هڪ هٿيءَ وارن ملن ۽ مولوين جو پاڻ
ڦوڙيو آهي ۽ ڪيئن ٻه خاص مذهبي عقيدي جو پاند
ڇڏي پنهنجو "هر مذهب" فلسفي سائنس علم ۽ تجربي
مان پيدا ٿيندڙ پنهنجي ۽ ٻين جو فائدو حاصل
ڪرڻ لاءِ زور ڏنو آهي. ان ڪتاب تي ڏاڍو هنگامو
مچايو ويو ۽ جي. ايم. سيد تي ڪفر جون فتوائون جاري

ڪين پڙهن. پر هن انهن جي ڪا به پرواهه نه ڪئي.

هن ڪتاب ۾ هن اُن راڄنيتي اڳواڻن جا خاڪا گانڌي، نهرو، آزاد، جناح، پٽيل، اني بيسنٽ، اقبال، محمد علي، ۽ سيد احمد خان جي حياتي ۽ ويچارن تي روشني وڌي آهي. هن جناح، پٽيل، اقبال ۽ سيد احمد خان جي تنگ نظري ۽ تنگدلي، وارن ويچار ڌارا جي مخالفت ۽ مهاتما، نهرو ۽ آزاد جي قومي ۽ ادار دلي، وارن نگاهه جي حمايت ڪئي آهي. گانڌي جي، کي نه اصل سيني مکيه پيغمبرن کان وڌو درجو ڏنو اٿس، جنهن لکيو "دنيا جي مکيه پيغمبرن جا به سندن حياتي جي عرصي ۾ ايترا سرواڄ پوئلڳ نه ٿيا، جيترا هن ضعيف البدن ساڌو سنت، سياسي رهنما جا ٿيا هئا. ان ڳالهه ۽ جناح تي ڪيل نڪتہ‌چيني جي ڪري جي. ايم. سيد تي مقدمو هلايو ويو ۽ ٽي سال سزا ڏني ويئي ۽ ان ڪتاب تي بندش وڌي ويئي. ڏمڪي اڃا ١٩٦٦ ۾ ٽن سالن جي جيل ۽ نظربندي کان آزاد ڪيو ويو هو ته وري ١٩٦٨ ۾ جيل ۾ وڌو ويس، پر ١٩٦٩ ۾ ايوب شاهي خلاف هليل طوفاني هلچل وقت ٻين راڄنيتي قيدين سان گڏ جي. ايم. سيد کي به آزاد ڪيو ويو.

ملن مولوين جي ڪفر جي فتوا کي ٺوڪر هڻي سيد سائين اعلان ڪيو ته راڄا ڏاهر اسان سنڌين جو قومي

هيرو آهي ۽ محمد قاسم حملو ڪندڙ، سامراجي حق هڙپ ڪندڙ، سنڌ ان جي آزادي، عصمت، مال ملڪيت جو دشمن ۽ لٽيرو آهي جنهن جو لکت ۾ تفصيلوار ذڪر سندس هڪ ڪتاب "سنڌ جا سورما" ۾ ڪيل آهي. ان وقت کان وٺي راجا ڏاهر کي قومي هيرو سڏڻ جو رواج ۽ سندس ڏينهن ملهائڻ شروع ٿيو آهي.

ساڳئي وقت ۾ سيد سائين "سنڌي ڪلچر" نالي هڪ ڪتاب لکيو جنهن ۾ آڳاٽي سنڌي تهذيب ۽ تمدن جي سمجهاڻي ڏني آهي ۽ ڀيرائي ڪئي آهي. ڪيس وري ايوب خان بنگلا ديش جي هلچل وقت ۱۹۷۱ جو سڄو سال نظربند رکيو ان عرصي ۾ هن وري ٻيو اهم انهاسڪ ڪتاب "پاڪستان جو ماضي، حال ۽ مستقبل" لکيو جنهن ۾ هن پنهنجي خيالن کي وڌيڪ انقلابي بڻايو آهي، ان ڪتاب جو مهاڳ جنوري ۱۹۷۲ ۾ اڳتي قدم وڌائڻ ۾ مس ڇپيو ته تعصبين ۽ رجعت پسندن ان خلاف اڌري ته هاءِ گهوڙا مچائي جو اهو ڪتاب سنڌ ۾ نه ڇپجي سگهيو ۽ ڀارت ۾ ۱۹۷۳ ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو. اهو ڪتاب راجا ڏاهر ۽ الله بخش کي ارپڻ ڪيل آهي. ان ۾ لکيل آهي ته پاڪستان غلط نظريي ۽ ايمان تي ٺهيو ۽ اڄ اهو مرڪزي سڀني پارٽي دشمني پنجابي شاهي، اردو ۽ مهاجر دوستيءَ ۽ سامراج دوستيءَ ۽ ملٽيءَ ڪري ٻه اڌ ٿيو ۽ جي اها حالت

قائم رهي ته پاڪستان جو خاتمو اٽل آهي. هن بنگلا
ديش کي ڀارت طرفان ڏنل حمايت ۽ همدرديءَ
کي حق واجب ڄاڻايو آهي ۽ چيو آهي ته سنڌ ۾ به
بنگلا ديش وارين حالتن پيدا ٿيڻ وڃڻ انڪري
سنڌين کي به لڙي آزاد ٿيڻو آهي پا مري منجهي
وڃڻو آهــي. جولاءِ ١٩٧٢ ۾ سنڌ ۾ مهاجرن سنڌي
ٻــوليءَ جي سوال تي فساد ڪيا، جن ۾ هنن سنڌين
تي ۽ بنگلا ديش وارا قهر ڪيا. پڻ ۽ سنڌس سرڪار
مهاجرن سان ٺاهه ڪيو، ار سيد انهي زوردار مخالفت
ڪئي ۽ ١٩٧٣ ۾ هو سڄي سنڌ جـو طوفاني دورو
ڪرڻ لاءِ نڪتو حيدرآباد ۾ ڪيس ا-م گولي سان ختم
ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ٿي، ار هو انڪري بچي ويو.
اڳتي وڌندو هليو، هزارين ماڻهو آڏي رات تائين ڪيس
ٻڌڻ ايندا هئا ايتري سرڪار ٻڌي ڪيس مئي ١٩٧٣ ۾
خيرپور ۾ ٿهرڻ تي گرفتار ڪري نظربند ڪيو جتان
اڄا آزاد نه ٿيو آهي. چون ٿا ته پڻ هنڪي سملا
ڪانفرنس تي هلڻ ۽ پارٽي اڳواڻن تي ڀڙڪائڻ الزام
هلائڻ لاءِ زور رکيو هو، ار هو پڻ جـي ملڻ مراد
سمجهي هن جو هٿير ٿڄڻ کان انڪار ڪيو.

هن نظربنديءَ جي وقت ۾ جـي-ايم-سيد وري
هڪ انقلابي ڪتاب "سنڌو ديش ڇو ۽ ڇا لاءِ"
لکيو آهي. ان ۾ هن ٻڌايو آهي ته ڪيئن نه سنڌو ديش

ھزارن سالن جي جدا سڃاڻپ ۽ سنسڪرتي (ڪلچر) وارو
ملڪ آھي جنھن ۾ رھندڙ سنڌي مسلمان توڙي ھندو
ھڪ قوم آھن. پاڪستان اندر ڪيترن ئي مھاجر پنجابي
سامراج ۽ سندس ايجنٽ حاڪمن اسلام ۽ مسلمان جي
نالي ۾ سنڌو ديش جي نرالي ھستي ختم ڪري
انکي ڦري لٽي فقير ڪري ھڪ ڪالوني بڻائڻ جي
ڪوشش ڪئي آھي. جنھن جو مقابلو ڪري آزادي
حاصل ڪرڻي آھي، جيڪا پاڪستان جي خاتمي بنا
ممڪن ڪونھي. ان لاءِ پارٽي جي سنڌين ۽ ھند
سرڪار توڙي اتي ڪمين لوڪشاھي ۽ سوشلسٽ
ملڪن کان مدد وٺڻ گناھ ڪونھي. ھن وقت ھيڪ اڪيو
آھي ته "سنڌو ديش متحد جماعت جي ٩٢ ملڪن
کان وڌو ۽ پنھنجي ماڻھن لئي ٻاھي سگھڻ وارو سکي
ملڪ ٿيندو جنھن جي ڪاروبار ۾ پارٽي جا سنڌي پٽ
ھٿ وٺائيندا جنکي سنڌ موٽي اچڻ تي پنھنجا مڪان
دڪان وغيره واپس ملندا. ليڪن جيڪي ته مھاجر پنجابي
سامراج ۽ پاڪ حاڪم سنڌو ديش سولائيءَ سان ته ڏيندا
الڪري مخفي جماعتون ٺاھي غلاميءَ کان لکوڻ
لاءِ خوني بغاوت ڪري آزادي حاصل ڪرڻي پوندي.

جيئم ساٿين جو ھي ڪتاب ته منصور وارو انالحق
جو نعرو آھي، مھاتما گانڌي طرفان انگريزي سامراج
کي "ڪئٽ انڊيا" جو ڏنل آخري نعري وانگر آھي؛

# جيئي سنڌ کان سنڌو ديش تائين

سنڌ ۾ جيئي سنڌ کان جيئي سنڌو ديش جي نعري تائين پهچڻ جو جيڪو احساس آهي اهو ٻڪالو آهي، ان سنڌ ۾ سنڌيت جي جيڪا سجاڳي پيدا ڪئي آهي، سا وسرڻ جي ناهي.

"جيئي سنڌ" هلچل جو روپ جيتوڻيڪ ۴ مارچ ۱۹۶۰ تي ورتو پر انجو ٻج ورهاڱي جي اعلان وقت ئي پئجي ويو جڏهن هندو لڏڻ لڳا ۽ مهاجر اچڻ لڳا. ان وقت اسان ترقي پسندن نعرو هنيو "سنڌ سنڌين لاءِ" جنهن "لٽيين دليا" آگسٽ ۱۹۴۷ ۾ لکيو ته شيخ اياز به "پارسڙي" ڪهاڻي ۾ چيو ۽ "جئي سنڌ" جو نعرو ڪم آندو. ترقي پسندن جو خيال "سنڌ، سنڌين لاءِ" ان وقت مقبول نه ٿيو، پر پوءِ ۵۴-۱۹۵۵ ۾ "ون يونٽ" وقت سنڌ جي هستيءَ، ٻوليءَ، تهذيب ۽ تمدن ختم ٿيڻ وقت انجي سچائي سمجهڻ ۾ آئي.

ان سمي جو چٽ، اياز جي هنن ٻن بيتن مان بخوبيءَ پڌرو آهي: "ڏيهي پرڏيهي ٿيا، پرڏيهي ڏيهي- آيا گهڙي اوپرا، نڪري ويا نيهي- پراوا پيهي والاري ويا سنڌڙي" ۽ "جاڳ پٽائي گهوٽ، ٽوڪي سنڌڙي ٿي ساري- مرن پيئون ماروئڙيون، قابو آهن ڪوٽ- اڄ نه ڪنهنجي اوٽ، ڏائين ڪي ڏاري چڙيون" پوءِ نه سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو جڻ سيلاب وهي نڪتو ته ان سان گڏ سنڌي هندن جي سار به ستائڻ

لڳي. انهي شروعات سائين جي. ايم. سيد ڪئي
جنهن ۱۹۵۲ ۾ لکيو، "هندن ڪانسواءِ، سنڌ سڃي سڃي
پيئي لڳي." حيدر بخش جتوئي (مرحوم) به ۱۹۵۵ ۾
"هاري حقدار" جي خاص شهيد پرچي ۾ ڪنور رام،
هرچندراءِ، هاسارام پمناڻي ۽ هيمون ڪالاڻيءَ تي
شردانجلي وارا ليک ڇپيا. ان سنڌيت جي سک اهو
ولورو پيدا ڪيو جو ۱۹۵۷ ۾ ون يونٽ ٽوڙڻ جو اولهه
پاڪ اسيمبليءَ فيصلو به ڪيو، پر ان تي عمل ڪرڻ
کان اڳ ۱۹۵۸ ۾ ايوب خان جي ڊڪٽيٽري شروع ٿي
وئي. انکري هلچل دٻجي وئي. پر ۱۹۶۶ ۾ جڏهن
ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ کي جوڙجڪ (آئين) ۾ تسليمي
جي سوڀ ملي تڏهن سنڌ ۾ به وري ۴ مارچ ۱۹۶۷
تي ڄامشورو وٽ شاگردن ۽ سرڪار جي ٽڪر مان،
جيئي سنڌ هلچل جنم ورتو. جنهن کي جتوئيءَ جيئي
سنڌ جو گيت لکي، نعرو ڏنو. الان ٿي "سلام عليڪم"
بدران "جيئي سنڌ" سان ڪيڪارڻ جو رواج پيو جو
اڄ ڏائين هلندو اچي. ان هلچل ڀوءِ ڀارت ۾ سنڌي
اديبن ۽ ادبي هلچل کي به اتساهه ڏنو.

جيئيم، جتوئي ۽ اياز جي ٽمورتيءَ جيئي سنڌ
هلچل جي رهبري ڪئي. ان نه صرف شاگردن ۽ جوانن،
پر ليکڪن ۾ به زبردست جوش ۽ جذبو جاڳايو جن
پنهنجين رچنائن سان هلچل کي اسٽرگي ڏني. حميد
سنڌي جي "روح رهاڻ" مخزن ان جي شاهد آهي،

اُن لاءِ ١٩٦٩ ۾ بدمش پنهنجي ته طارق جي "سهڻي" ۽ لغاري جي "سڄي ڊائجسٽ" اهڙي جڳهه ورتي.

هن هلچل سنڌي قوم (هندو مسلم) کي موهن جي دڙي ۽ قومي هيري راجا ڏاهر جو وارث سمجهو ۽ محمد قاسم کي حملو ڪندڙ ڪوٺيو. ان خيال کي جيئيم زبردست زور ورتو. ان کي مهاجرن وڏو صدمو پهچايو. جڏهن حيدرآباد سنڌ گرلس ڪاليج جي ڪڪيءَ ياسمين منهن ٽوڙ جواب ڏنو. "ياد رکجو، سنڌ جو نئون نسل مذهب کي لعنت ٿو هڻي. راجا ڏاهر هڪ سنڌي هو. چاهي هندو هو يا مسلمان، اسانجو هيرو آهي. اڄ سنڌ ۾ هزارين هيمو ڪالاڻي موجود آهن. اسين محمد قاسم کي لعنت ٿا هڻون... شاهه لطيف کي، جي. ايم. سيد کي سلام ٿا ڪريون. سنڌ جي عظمت اسلام جي ڪري ناهي پر موهن جي دڙي ڪري آهي .... اسان ڇوڪرين فيصلو ڪيو آهي ته پنهنجن ٻارن کي نالا ڏاهر، هيمو ڪالاڻي، اياز ۽ هوشو رکندا سين."

هن تحريڪ ۾ سنڌي ليڊرن به پارٽ ملهايو. صحرا ماروئي، رياض ميمڻ، اڪرم سلطانه ۽ اختر بلوچ پڪ هڙتالون به ڪيون ته جيل جا ور به سٺا. نيٺ ١٩٦٩ جي آخر ۾ ون يونٽ ٽٽو * انجو عمل جولاءِ ١٩٧٠ ۾

---

* جيئي سنڌ هلچل جي تفصيلن لاءِ پڙهو ألم جو ڪتاب "سنڌي ساهت"

ڏيو. سنڌ جي صوبائي هستي (ڪراچيءَ جي گاديءَ
سميت) واپس ملي.

پوءِ ته آيو يحيٰ (مرحوم) جو راڄ. هن سنڌين جي
ساڻس لاءِ هر ميڙ جي شروع ۽ آخر ۾ "جيئي سنڌ" جو
نعرو هڻڻ شروع ڪيو ۽ چڱي هلچل جو طرفدار بڻيو. ان
تي سائين جي. ايم. سيد وري "سنڌو ديش" جو
نعرو بلند ڪيو ۽ الڪي پنهنجو اديش بڻايو، جيڪو
بنگلا ديش جي آزاديءَ ڪري وڌيڪ اهم بڻيو آهي.
ليڪن يحيٰ صاحب سنڌين سان گڏ پاڻ کي ڏاڍن ۾
پيارو بڻائڻ لاءِ هنن کي به پنهنجي خوش ڪيو. جڏهن سنڌي
ٻوليءَ جي بحاليءَ وقت ڪيائين، جڏهن جو لاءِ ١٩٧٢
مهاجرن بل خلاف وڏا فساد ڪري اهو رد ڪرايو. ان
وقت مهاجرن طرفان سنڌين تي ٿيل ظلم جو ذڪر
ڪندي طارق اشرف پنهنجي ماهوار مخزن "سهڻي"
۾ بي باڪ ٿي لکيو، "اردو ۽ اسلام جي آڙ ۾ نعرا
هڻندڙن، سنڌي عورتن جون چاليون ويڙهون ... معصوم
۽ ننڍڙن ٻارن کي گهٽا ڏنا، سنڌي عورتن جون وچ
بازار ۾ ننڍيون لاٿيون ۽ کين بي عزتو ڪيو. جيڪو به
سنڌي مهاجرن جي پاڙي مان ٿي لنگهيو انهيءَ کي
چرا هڻي تي ماريو ويو. سنڌس مٿهن ۽ جسمن تي
تيزاب تي اڇليو ويو. سنڌين جي گهرن، هوٽلن ۽
دڪانن کي الڪي باهيون ڏنيون ويون."

طارق وڌيڪ لکيو، "اسلام جو نعرو هڻڻ وارا نام نهاد

'پاڪستان جو ماضي حال ۽ مستقبل" ۽ "سنڌو ديش ڇو
۽ ڇا لاءِ" مان ظاهر آهن. ٻنهون ڪتاب راجا ڏاهر ۽ الله بخش
کي ارپڻ ڪيو اٿس. ان ۾ لکيو اٿس ته پاڪستان غلط
وچار ڌارا ۽ بنياد تي ٺهيو ۽ اڄ اهو فرقيپرستي، ڀارت-
دشمني، ڊڪٽيٽرشاهي، اردو ۽ مهاجر پرستي ۽ سامراج-
دوستي جي نيتيءَ ڪري ٻه ٽڪر ٿيو ۽ جي اها حالت
قائم رهي ته پاڪستان جو خاتمو اٽل آهي. سنڌين کي
کپي ته يا ته لڙي آزادي حاصل ڪن يا صفحه هستيءَ تان
ميٽجي وڃن.

ليڪن ٻئي ڪتاب ۾ ته اجا به صاف انقلابي اظهار
ڪيو اٿس ته "سنڌو ديش جو قيام پاڪستان جي خاتمي
کانسواءِ حاصل ٿي نه سگهندو.. هاڻي پاڪستان جو بچڻ
ناممڪن آهي.... پاڪستان کي ختم ڪرڻ سان پاڻ اسلام
کي وڏو فائدو پهچندو.. سنڌين کي کپي ته يا حڪمران
طبقي جي غلامي قبولي مات ڪري زندگي گذارين يا مخفي
جماعتون ٺاهي خوني بغاوت ڪري آزادي حاصل ڪن."

هن وڌيڪ لکيو آهي ته جيئن ته سنڌ جا سنڌي ۽
ڀارت جا سنڌي هڪ قوم آهن، انڪري سنڌو ديش جي
آزاديءَ لاءِ ڀارت جي سنڌين کي مدد ڪرڻ کپي، جن مان
جيڪي سنڌ ايندا تن کي سندن ملڪيت مهاجرن کان وٺي
واپس موٽائي ڏبي. هن نه رڳو ڀارتي سنڌين جي مدد پر
ڀارت سرڪار جي مدد کي به سنڌو ديش جي آزاديءَ لاءِ

جائز ٺهرايو آهي.

جي. ايم. سيد الهادي قومن جي محبل جي ملڪن سان سنڌ جي پيٽ ڪندي ٻڌايو آهي ته ڏيهه ڪروڙ جي آدم وارو سنڌو ديش آرٿڪ طور زنده رهي سگهي ٿو ۽ اهو ٩٢ ملڪن کان هر لحاظ کان وڏو ٿيندو.

هن اهو به لکيو آهي ته قوم پرست سنڌي محمد بن قاسم جي پيٽ ۾ راجا ڏاهر کي ۽ سر سيد احمد خان بدران ادي جينمل کي پسند ڪن ٿا. سنڌو ديش ۾ ڪراچيءَ پرسان نئين تعمير ٿيندڙ بندر گاهه تي راجا ڏاهر جو مجسمو (پتلو) لڳايو ويندو ۽ انکي محمد بن قاسم بندر بدران راجا ڏاهر بندر جو نالو ڏيو.

سائين جي. ايم. سيد اتهاسڪ ۽ وگيانڪ، سيپنٽڪ ۽ آرٿڪ نگاهه کان پهرئين گرنٿ ۾ پوري اوڪ ڌوڪ ڪندي ثابت ڪيو آهي ته پاڪستان هڪ وهم آهي ۽ ٻئي گرنٿ ۾ ڏيکاريو اٿس ته سنڌو ديش هڪ حقيقت آهي. جنهن کي آزاد ڪرائڻ لاءِ سڏ ڏيڻ سان گڏ هن ان جي آئيندي جي پروگرام ۽ نيتي ڏني آهي جيڪا سڪيولرشاهي، لوڪشاهي ۽ سوشلزم جي اصولن تي ٻڌل آهي. اڄ جي. ايم. سيد جي سڏ جو پڙاڏو ادبي ۽ تهذيبي تمدني ۽ تعليمي پهلن ۾ به گونجندو نظر اچي ٿو، جيتوڻيڪ سياسي طرح ان جي مخالفت به ڪافي آهي.

گذريل سال سنڌو ديش ۾ جي. ايم. سيد جو پڙاڏو

جي مضمونن جي اوگهڙ ڪيل آهي.

سچ ته اهي شاگرد ۽ جوان ئي آهي، جيڪي سائين جي ايم جي سنڌو ديش جي وچارن جي حمايت ۾ اڳرا رهيا آهن. سرڪار انهن ۾ ڦوٽ وجهڻ ۽ جهڳڙا ڪرائڻ لاءِ وقت بوقت ڪوششون پئي ڪيون آهن. هڪ اهڙي ئي جهڳڙي ۾ ڀـٽـي صاحب جي وقت ۲۳ آڪٽوبر ۱۹۷۳ تي ڄامشورو جي انجنيرنگ ڪاليج جي هڪ جيئي سنڌ حامي **پروفيسر اشوڪ ڪمار** سنڌيءَ کي ڪوڙي ڏوهه ۾ پڪڙي عذاب ڏيئي ماري، پوءِ هلاڪ ڪيو ته هو ڀارت ڀڄي ويو آهي. ان ظلم خلاف سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان خاص ڪري اخبارن ۽ مخزنن ۾ آواز بلند ٿيو. پروفيسر جي شهادت تي ڪهاڻيون ۽ ڪوتائون به ڇپيون ويئون. اشوڪ اڄ سنڌ جي شهيدن ۾ شمار ٿئي ٿو.

برک اديب ۽ عوامي اڳوان رسول بخش پليجي (جو اڄ ۴ سالن کان قيد آهي ۽ جنهن ڄام ساقيءَ سان گڏ، پي آءِ اي جهاز ڦاڙيندڙن طرفان آزاديءَ جي ڪيل طلب نڪرائي، فرجي ڊڪٽيٽر جي جيل جون جنيون قبوليون، پر پنهنجي جنني سنڌڙي ڇڏڻ نه مڃيو) ان وقت "لاڙڪ" ۾ شهيد اشوڪ سنڌيءَ کي شرڌانجلي ڏيندي لکيو: "... اشوڪ سنڌي ۵ هزار سالن کان سنڌ ۽ پاڪستان وطن جو رهندڙ هو... اشوڪ سنڌيءَ جو

هي سوال اشوڪ جي
ڀارت پڻ سمجهه ۾ نٿو اچي.... غائب ٿيڻ جو
غائب ٿيڻ جو ڪوٺي. سنڌين جي
آهي. اڄ آشوڪ سنڌي غائب آهي، سڀاڻي ٻيا سنڌي
غائب ڪيا ويندا. ڪن جو ڏس ڀارت طرف ڏيندا ته
ڪن جو روس، چين ۽ افغانستان ڏانهن.... هيءَ معمولي
ڳالهه ڪانهي، سنڌ جي وجود جو سوال آهي. جيستائين
ٻيو قطعي ثبوت نٿو پيش ڪيو وڃي تيستائين هي
واقعو پڻ جو نه پر وحشاڻي قتل جو واقعو سمجهڻو
پوندو.... اشوڪ کي واڍيو ڇڏي، ڀارت موڪلي، سنڌي
قوم جي اکين ۾ ڌوڙ نٿي وجهي سگهجي. **اشوڪ**
**سنڌيءَ جي سڄي** سنڌي قوم وارث آهي...."

اُن وقت اهڙي سنڌيت جي جذبي کي گهٽي ۾
گهٽي اوچ شاگردن بعد ليکڪن، خاص ڪري شاعرن
ڏني - اياز، نياز، تنوير، امداد، نديم، ارشد، شهباز،
فتاح، تاج بلوچ، وفا، راز ۽ آثم ناٿنشاهي، تاج ۽ خاڪي
جويو، سرويچ، رنگريز، راشد، مشتاق، تاجل، منشي ۽
آنور. پوئين ٻن ته انڪري جيل جون جهيون به سٺيون.
ابراهيم منشيءَ جي بنگلا ديش بابت مشهور ڪوتا ته
اڄ به گيت بڻجي پيئي گونجي:

ڀاڳ ڀڄائي پورب وارا ڀت ته ڀڃندي ٻاري ويا
ٻاري ٻاري مشعل ٻارڻ ڏيئي ٻاري ويا.
عزت وارو موت قبولي ذلت جو زنجير ٽوڙي
وجهه ولي هڙ واه سڄالي واه، وطن جي واري ويا.

سنڌ جي دشمنن سان سازباز ڪندڙ سنڌين لاءِ ڇپل مدشيءَ جي هيءَ اِي ڪولسا ۽ وسرڻ جي ڪالهي. چوي ٿو:

مون ڀڪ سڄاڻا ڀنهنجا هئا
ڪي ڏارين سان گڏ ڏاڙي ۾،
تي وات ڏسيائون ويرين کي
ويهي وانگيڙن جي واڙي ۾.

انهن ڪوتائن کان به وڌيڪ باغي پر لمبي ڪوتا، جنهن جي ڪري ٿي ڪيس جيل جي سزا ملي هئي، تنهن ۾ هن جناح صاحب ۽ ڀٽي صاحب کي قاتل ڪري مخاطب ڪيو آهي:

١- قائد - اعظم ٻڌوسون ۽ ٻڌم قائد - عوام
٢- ٻيئي قاتل عوام جا، ٻنهي ڪرايو قتل عام
٣- هن کنو ڪشمير کي ۽ هن ڀريو پورب مان ٻيٽ.

پيرزادي انور ته جدا جدا موضوعن ۽ تمولي تي شعر لکيا آهن، جن مان هڪ تمام مشهور اٿس "گوريلن جو گيت." چوي ٿو:

تيءَ ٻرڪ ڀس جي ٻاڪ ٻلي، تون آءُ هلي! اي جيون ساٿي!
ڪوليون ڪوٺي ڳاڙهو ٻاٻ
انقلاب، انقلاب، انقلاب!
تي ڏرٽي ٿهڪي جاڳ جلي، تون آءُ هلي اي جيون ساٿي!

وهيءَ کي مٿيءَ ۾ ملايون
ديش جو ڏٺو آهه حساب
انقلاب، انقلاب، انقلاب.
اڄ من مندر ۾ آگ جلي، تون آءُ هلي اي جيون ساٿي!

چڻنگ دکايون،
اونده ۾
پريت ٻارين
گوريلن جا گيت گلاب
انقلاب، انقلاب، انقلاب.

اهڙي جذبي وارا شعر جڏهن اڃا به ٻارن، شاگردن ۽ نون نوجوان شاعرن جي قلم مان لکيل پڙهجن ٿا ته سنڌ جي سنڌيت ۽ سيڪيولرزم واري نسل لاءِ فخر محسوس ٿئي ٿو. هتي رڳو جنس طور ڪن جا ڪي بند ڏجن ٿا، جي ڀٽي صاحب جي دور ۾ ڇپيل آهن:

١) ”اڄو سنڌڙيءَ جو سوڳند کڻون،
سنڌڙيءَ لاءِ ڪنڌ ڏيون....
اڄ وري انقلاب ايندو....
اسين هيمون ڪالاڻي بڻجي
ڦاسيءَ تي چڙهنداسين. (شمشير سومرو)
٢) مان تو لاءِ باغيءَ جي للڪار آهيان

ماڻ تو لاءِ گوليءَ جي گفتار آهيان
ماڻ تو لاءِ "حيدر" جي تلوار آهيان
ماڻ هيڻن جي هٿ ۾ نه هٿيار آهيان
سنڌو ديش نعرو آ، نروار آهيان. (سيد علي حيدرشاھ)

) هوشو، دودو هيمون سڀ
پٽ ڌسي مرڪي ڏون
جڳ جڳ جيءُ او سنڌڙي ماءُ
تو لاءِ هٿون سر جو داءُ (ارشاد شيخ)

٤) قلم ڪٽان يا ڪاٽ ڪٽان
ليکه لکان يا ڪٽڪ لٽان
ماڻ ٻيٽن ۾ تو ٻم ٻرهان
۽ ڏاڍين جا تو سرڏرهان (ادل سومرو)

٥) جي سانگو سر جو لاهي ويا، ڪونڌر ڪنڌ ڪپائي ويا
سي ڪومت "مسرور" جو ڏاهي ويا ۽
"مظفر" ڪسي ٻي لڪائي ويا
سي سنڌ جو ديس ٽي پائي ويا ۽ سنڌو ديش بڻائي ويا
(ملوڪ پرديسي)

٦) اڄ هر به کڻ، هٿيار به کڻ
۽ گوليءَ جيئن گفتار به کڻ
وڃ وطن سڄي کي ٿاري يار
هي وقت وڙهڻ جو ناهي يار

(اشرف ميمڻ)

٧) ڌاڙيءَ ۽ بارود ٻري هل
اکڙين کي بندوق ڪري هل
جيئن وڙهاڪو ڏاند ڪري
رت جي اڃ جيئن راند ڪري. (سهڻو سودائي)
جت ڏاهر جي ڌهڪار هجي
جت هيموءَ جي هاڪار هجي، سو منهنجو وطن
جت موهن جي تهذيب هجي
جت جيئي سنڌ آواز اچي، سو منهنجو وطن (ناز سنائي)

٩) ٻاهر کان اچي پاءِ سڏائي ۽ هتان جا
ڪن قتل ٻيا ٻار - ڏناسون نه ٻڌاسون
افسوس آ سنڌين تي جو ڌارين کي ڏنائون
پاڻن کان گهڻو پيار - ڏناسون نه ٻڌاسون (روشن جوڻو)

١٠) اسلام سنڌو اڳوان سڏائي، قهر ڪري ويو ڪير ڏسو؟
قوم ڪڏهن مذهب نه ٻڌائي، هي ته هتي انڌير ڏسو.
سنڌ جو ٿو سوراج گهران مان، سنڌو ديش ٿو چاهيان مان
(غلام عباس ٻنيرو)

١١) ڀل ٽئنڪون ۽ توبون آڻيو ۽ جنگ ڪيو
سنڌو ديش کي ڪير روڪي سگهندو ڇا؟ (غلام عباس ٻنيرو)

١٢) سنڌ ۽ صرف سنڌي رهڻو آ
هر ڌاريو لوڌي ڪڍڻو آ
مارو ڙا سگهوڙي الهدا ساڻي
ڌرتيءَ کي آزاد ڪرائڻو آ (امداد قاضي)

۱۳) چون ٿا مان ڇڙو، سنڌو ديش وارو
هي نعرو نه منهنجو ڪو آهي نيارو
بلوچن پٺاڻن جو ساڳيو نعرو
اڪيلو نه ڇڙو، مان اي ڀار آهيان (غلام احمد بيدم)

۱۴) جت سنڌ جا ڪونڌر روز ڪسن
۽ سيد لئي ٿا نير وسجن
سو سنڌو ديش اسانجو آ.

(شيام "وديا" عباسي)

۱۵) ڇا گهر ۾ هيئن ڳري ويندينءَ؟
او مادر! ماٺ مري ويندينءَ؟
اٿ! ٽوڪي قسم آ ڏاهر جو
پنهنجي دولهي خان دلاور جو
او! سکر روهڙي! جاڳي پئو
او! ٺٽا! مڪلي جاڳي پئو
او ڌرتي منهنجي ڌرتي او
ي تنهنجي لاءِ تو گيت لکان! (ع - غ سنڌي)

مٿين چند شعرن مان ظاهر آهي تہ سنڌ جي نئين ٽهيءَ کي پنهنجي قديم تهذيب موهن جي دڙي واري سنڌو ديش لاءِ اٿاه قرب آهي، جنهن محسوس ڪيو آهي تہ سنڌين کي ڌارين اسلام جي نالي ۾ پيڙيو آهي ۽ هندو ڀائرن کان وڇوڙيو آهي. هو پنهنجي بزرگن راجا سهاسي ۽ ڏاهر، دودي ۽ دريا خان، هوشوءَ ۽ هيموءَ وانگر سنڌو

ديش لاءِ ڪجهه ڪرڻ ڪان نه ڪيٻائيندا ۽ پنهنجا حق
حاصل ڪري رهندا. اهڙي ئي اُمنگن جو اظهار سنڌي
شاعرائن بـ ڪيو آهي جنجون پڻ ٿوريون ڪوتائون
هيٺ ڏجن ٿيون:-

١) هي وطن منهنجو آ
هيءَ جان منهنجي آ
هيءَ مڏي منهنجي آ
هيءَ آن منهنجي آ
مرندس، مرندس
سنڌ تي سائين
هيءُ سر منهنجو آ
هيءَ تان منهنجي آ
هيءُ وطن منهنجو آ
هيءَ جان منهنجي آ (زيب النسا)

٢) اُٿو! اُٿو! اي باغي ڏوهي
ٽاهيون پنهنجي ڌار قطار
ظلم کي گڏجي روڪي ڇڏيون
ڀڃجي شيهي جي ديوار
ديش مٿان قربان ٿيون پل
سنڌوءَ تان سؤ وار (عابده ممتاز)

٣) منهنجي احساس کي
ماڻ نه ايندي

جڏهن جو وهڪرو جاري رهندو
لڙهيل جي جنگ جاري رهندي
ڇو جو مان
حقن جي فتح ڏسڻ چاهيان ٿي
نئون انقلاب چاهيان ٿي
ظالم جو رت پيئڻ چاهيان ٿي (سلطانه وقاصي)
۴) رت ٽمندو رهيو،
اُمت ٻرندي رهي
ٻهر وڏندا رهيا
ڊنگ ڊهندا ويا
واٽ نهندي وئي
نوجوان جو خون
رائيگان ڪين ويو
رات لڙهندي رهي
رت جي لهر ۾
رات ڪٽندي وئي
باک ڦٽندي وئي
خون ۾ سرخ سرخ
سڄ اُڀري پيو
ڪناري تي سنڌوءَ جي اوڀر طرف
سنڌ جا واسيو، سنڌ جا سانگيو
سنڌڙيءَ جا سياڻا سدورا جوان سائيوا

شل مبارڪ ٿئي،
هيءُ نئين روشني،
شل دائم، قائم رهي سنڌڙي! (سحر بلوچ)

٥) اسان چنگ چارڻ جيان چوري به ڄاڻون
اسان ڳنڍ ڳان ڪنڌ ڳهوري به ڄاڻون
اسان رات ڪي رات پي ڇڏي سگهون ٿا
اسان سچ - سچ جو اُپاري به ڄاڻون. (سوسن ميرزا)

٦) هي جامشوري جو ميدان آ
هي مقتل گاهه ڪونهي
هي ميدان آ لالون لال پڙ
هي ميدان!
هوشوءَ جو هيموءَ جو
رزاق جو ۽ ڏاهر جو
سيد جو ها جيئيم
ڳون پليو آ ڳون پليو آن
هت راڄ آ
سنڌين جو، سنڌين جو (نور الهدى شاه)

٧) سنڌڙي منهنجي ملڪ
اڱڻ ڪان ڳلهنجي سينڌ ڀٿي
ڀانيم:
سينڌ ڳلهنجيءَ ۾
سنڌور ارمان

ڇڏڻ جي سجاڳيءَ جو
آسن اميدن جو
آزاديءَ جو.
تو اِهو سنڌور جهڙو
لال لهوءَ جي لڙڪن مان
مٿس سان ۽ مٿس مان
تو ڏانهن هٿ وڌايم
ڪهجي وِلم هٿ                    (نسرين جوڻيجو)

٨) هيءَ ڌرتي منهنجي ڌرتي هي
هيءَ سنڌو منهنجي سرتي هي
هو منهنجو ناتو ڌرتيءَ سان
هن منهنجي پياري سرتيءَ سان
پر ڪي پرواسي آيا ها،
سي پرڏيهي پرايا ها،
تن منهنجو ناتو ٽوڙيو هو
جن منهنجو رشتو ڇوڙيو هو
هن ڌرتيءَ سان، هن ڌرتيءَ سان
او ساٿي ڏس اڄ منهنجي ڀومي
پرڏيهين کي پرتي آ
منهنجو ڪهڙو ڏوش او ساٿي
ڪهڙي منهنجي ڌرتي آ (اُرملا سنڌي)

٩) سنڌڙي منهنجي پڃي سون ۾ سڙي

ڇمڪائيو هلين!
تون مگر پيئي ڇير
تي وهيو سستو شهيدن جو لهو
ڇا اها لالي لبن لائيو هلين؟
اجرڪن مان آڳ آزادي آئي
تون مگر پئي بدن ڀڙڪائيو هلين
منزلون لوڪي سڏين ٿيون او مٺي!
تون مگر رستن کي رنجهائيو هلين. (غلام فاطما جتوئي)

١٠) اکه اکه ۾ آهي ٽانڊاڻ، لال لهوءَ جي لالاڻ
ٻاهه جو ٻنهيت پاڻهجي تي اڄ چوڏهينءَ جي چانڊاڻ
هڪ هڪ سنڌڙيءَ جو ساونت
سنڌوءَ سان اڄ ڪري وچن
سر سان ٻڌي پنهنجو ڪفن
سنيري هليو آ وڙڻ وطن.
ڪنهن سنياليو پالو ٻڙڇي،
ڪنهن کي ٻم ۽ گولي ساڻ
اکه اکه ۾ آهي ٽانڊاڻ، لال لهوءَ جي لالاڻ. (شبنم مولي)

ٻن شاعرائن ڏرليا سنڌي ۽ شبنم مولي ٻين شاعرائن جي ڀيٽ ۾ سنڌو ديش هلچل کي اوج ڏيڻ واري شاعري چڱي ۽ اثرائتي ڪئي آهي. ٽازو جي-ايم-سيد جي جنم ڏن ١٧ جنوري ١٩٧٥ تي اڪتل خاص ٻرچن ۾ ھدن جمڪي 'جهنمر سائين' لاءِ ڪوتائون جهيون آهن سي سندن ته رڳو جي-ايم-سيد لاءِ ٻير خود سنڌو ديش لاءِ

ڪ ۾ صدق ظاهر ڪن ٿيون. ڏسو :

هنجي قلم قدم تي سائين،
مان پنهنجو ڪنڌ جهڪايان،
تنهنجي قدمن جي پاڪ مٽيءَ سان
مان پنهنجي ماٿي تي تلڪ لڳايان
تنهنجي همت، ۾ سنڌ جا سائين
"جيئي سنڌ" جي مشعل جرڪي
ان مشعل جي سوجهري ۾
مان آزاديءَ جي راهه نهاريان،
مان توکي سجدا سؤ ڪريان
او سنڌ ڌرتيءَ جا ديوتا! (شبنم موتي)
سنڌ جو سائين هڪڙو سائين
سائين جي- ايم - سيد
ڪوئي ناهي اهڙو آلم
جيڏو جي- ايم - سيد.
منهنجي ڌرتي، منهنجي دنيا
منهنجي دل ديول جا سائين
تنهنجو جهنڊو اوچو رهندو
قيامت تائين جهولندو رهندو
گرزن گولين جي وسڪاري ۾
اڳتي اڳتي وڌندو رهندو
جيسين جڳ ۾ جيون آهي

تنهنجي جيت سدائين
جيئن سانئين، قيامت تائين
سنڌو ٻولي ناز ڪندي

(ثريا سنڌي)

ثريا سنڌيءَ جو ناز لکيل سونهن ۽ سچائيءَ سان نمتار يادگار شعر آهي، "چمات." اهو جيئي سنڌ جي اڳوان اسماعيل وسڻ جي ساهس ۽ سورهيائيءَ کي سلام آهي، جنهن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پاڪستان جي تعليمي وزير حفيظ پيرزادي کي جيئي سنڌ ۽ جي. ايم. سيد خلاف گهٽ وڌ ڳالهائڻ تي چمات ٺهڪائي هئي. هن ڪوتا سان شاعرا نه رڳو اسماعيل وسڻ کي پر پاڻ کي به امر ڪري ڇڏيو آهي. هوءَ لکي ٿي:

سنڌوءَ جا سرواڻ، جبل جيڏا جاننا جيو
هن ڌرتيءَ جا دودا، ڏونگر جيڏا ڏاڍا جيو
سنڌ يونيورسٽيءَ جا واسي، آڀ جيڏا اوچا جيو
اي گهوٽ اڻموٽ، تو جهڙي مور نه آڻ
اي اسماعيل وسڻ..
تنهنجي ساهس سنڌ کي ياد رهندي
ڏاڍ جي ڳل تي، تنهنجي لوهي آڱرين جون ليڪون
تاقيامت اڻ مٽ رهنديون
معدي مڙهن تي، تنهنجون سو ڀل ٻيج لوائل شيهون
تاقيامت ياد رهنديون
تاقيامت جاڙ رهندي ۽ اها چمات

ڇڇريل ڳل تي هاڻ
اي اسماعيل وساڻ..
تنهنجي ساهس سڌ کي ياد رهندي
اي منهنجي ٻوڙھ جا ڏگھ جاتا جوڌا جنگ
هڪ ڇڇريل ڳل تي چماٽ ٻڌلي
جڏهن تنهنجي اڳ کي گهيريو
ڪنداليِن ۽ ڪرلن ساڻ
ڏاين تنهنجي اڳ کي ڪوريو
اي منهنجيءَ ڌرتيءَ جا جهونجهار
هڪ منڊي منهن تي چماٽ ٻڌلي
تنهنجي ڀوميءَ تي ٿي ڏاين
تنهنجو رتو رت وکيريو
جنهن جاءِ تي تنهنجو رت وهيو
مان ـ جدا اُت سؤ وار ڪريان
سي رت ـ ڦڙا سڀ جهول ڀري
مان هڪ هڪ ماٽي ٽلڪ هڻان
سي ٽلڪ قيامت تائين چمڪن
چڙھ ڪي اُڀ تي تارا ٽمڪن
اي هن ديش جا هوشو، اي هن ديش جا همو،
تاقيامت زنده رهندي تنهنجي هستي هاڻ
اى اسماعيل وساڻ...

پنهنجي ساهس سنڌ کي ياد رهندي.

ڪوئن وانگر ڪهاڻيڪارن به پنهنجي ڪهاڻين سان سنڌو ديش هلچل کي هٿي ڏني آهي. انهن مان ڪجهه آهن: امر جليل، نجم عباسي، علي بابا، رشيد ڀٽي، طارق اشرف، عبدالقادر جوڻيجو، نسيم کرل، غلام نبي مغل، قمر شهباز، آغا سليم، عبدالحق عالماڻي، ناصر مورائي، شوڪت حسين جيڪي نه اڳيئي مقبول آهن، پر ڪيترن نون ڪهاڻي ليکڪن ۽ ليکڪائن به ان ڏس ۾ پنهنجي نين ڪهاڻين سان وارو چمايو آهي. انهن مان ڪجهه آهن، خليل قاضي، عطا محمد ڀنڀرو، ماڻڪ، جهت پٽ بدايڻائي، ڪيهر شوڪت، يوسف لغاري، مشتاق ڀٽي، عبدالحسن عالماڻي، ظفر حسن، نسيم ٿيٻو، شبنم مولي، ممتاز مهر، مشتاق ٻاگاڻي، زينا ميمڻ وغيره.

هنن مان ڪنهنجي ڪهاڻي پنهنجي بزرگن جي الهاسڪ ورثي (ڀوءِ اهو غير اسلامي ڇو نه هجي) تي فخر جو جذبو جاڳائي ٿي ته ڪا اسلام جي نالي ۾ هندن سي ڪيل ظلم جي اوگهڙ ڪري ٿي ته ڪا غير سنڌي مهاجرن يا پنجابين جي سنڌي مسلمانن سان ڪيل بي انصافي؛ خلاف آواز بلند ڪري ٿي ته ڪا بنگلاديش جي آزادي؛ جي حمايت ڪري ٿي ته ڪا پنهنجي وڇڙيل هندو ڀائرن جي ياد ۾ ڳوڙها ڳاڙائي ٿي ته ڪا جيئي سنڌ جي حامي شاگردن ۽ جوانن تي سرڪار طرفان ڪيل ڏاڍ

کي ڌاري ڇڏي ٿي ته ڪا سنڌي ٻوليءَ خلاف مهاجرن جي ڪيل فسادن جو چٽر ڇپي ٿي ته ڪا سنڌ جي آزاديءَ لاءِ للڪار ڪري ٿي ته ڪا سنڌي جوانن ۽ جوانڙين جي سنڌيت لاءِ سڪ ۽ انکي ساهه سان سانڍڻ لاءِ اتساهت ڪري ٿي وغيره.

هنن مان خاص ڪري هڪ ڪهاڻي جنهن سڄيءَ سنڌ ۾ غلغلو مچائي ڇڏيو، سا آهي امر جليل جي لکيل ”سرد لاش جو سفر“ جنهن ۾ سيپٽمبر ١٩٧٣ ۾ ڪنڊ ڪوٽ ۾ هندن تي مهاجرن ۽ مذهبي پاڳلن طرفان وهايل وٺلن ۽ اسلام ۽ قرآن جي نالي ۾ ڪيل قهرن جي اوگهڙ ڪيل آهي. ان ڪهاڻيءَ ڪري امر جليل کي جيل وڃڻ لاءِ گرفتاريءَ جا وارنٽ به نڪتا. ان ڪهاڻيءَ ۽ ٻي خليل قاضيءَ جي ڪهاڻي ”جمهوريت جو سچ“ ڇپڻ ڪري سهڻيءَ جي سمپادڪ طارق اشرف تي مقدمو داخل ٿيو ۽ ڪجهه وقت جيل ۾ به وڌو ويو.

ليڪن اڄ اهي جيل ۽ ٻيون جنيون جيئي سنڌ ۽ سنڌو ديش جي ساٿين کي جهڪائي نه سگهندا جو هنن پنهنجي صحيح ماضيءَ جي ورثي، حال جي حقيقت ۽ مستقبل جي منزل کي سڃاڻي ورتو آهي.

سنڌي مسلمانن طرفان پنهنجي ماضيءَ جي صحيح ورثي کي سڃاڻڻ جي شروعات ويهه کن سال اڳي ٿي جڏهن شيخ اياز سامهي مهراڻ ۾ خط لکيا جنهن هن موهن

حد ٽائين آهي.

ساڳيءَ طرح مشهور ليکڪ علي بابا لکي ٿو تہ ”اسان کان اسانجي تاريخ لڪائي وئي آهي. اسانکي شائستہ خان، احمدشاھ ابدالي تہ پڙهايو ويو، پر راجا سهاسي ڪيان وٽي هوشوءَ ٽائين تاريخ گم ڪئي وئي.. سنڌي سموريون ڪي عربي سمنڊ جي ناليءَ سان سڏيو ويو. پر اسين ڏسنداسين تہ اسان سان اها تاريخي بدمعاشي ڪيستائين ڪئي ٿي وڃي.“ هو وڌيڪ لکي ٿو تہ ”سنڌ ڏاهر آهي ۽ ڏاهر سنڌ! هو ئي هن ڌرتيءَ جو پهريون ڪتل انسان آهي. هن جو رت هڪ ڏينهن ضرور گلن جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو..“

ٻئي هڪ ليکڪ خالد سنڌي سنڌ جي آڳاٽي شاهوڪار ورثي جي ڳالهہ ٻڌائيندي راجا ڏاهر تي عربن جي لڳايل الزامن کي زوردار رد ڪندڙ ڪوڙو ثابت ڪيو آهي ۽ هنجي پنيرائي ۽ مهما ڪئي آهي. هن حجاج کي ظالم، خوفناڪ جلاد، ڪميڻو، ذليل ۽ انسانيت جي رت سان هولي کيليندڙ جا لقب ڏنا آهن.

ٻئي هڪ شاعر ۽ ليکڪ غلام حسين رنگريز بہ هن لاءِ لکيو آهي، ”حجاج انساني تاريخ جو بدترين انسان هــو جنهن کي انسان چوڻ بہ شرم جي ڳالهہ آهي. هن جي ڪارنامن تي ڪا بہ قوم فخر نٿي ڪري سگهــي. حجاج جون جنگي مهمون ۽ فتحون ڪنهن بہ طرح حق جون فتحون نہ ٿيون

ٿي سگهن.”

هھڙي قسم جا ويچار رڳو اهي ٿي ظاهر ڪري سگهن ٿا، جن کي پنھنجي سنڌو ديش لاءِ پيءُ ھر ڪنھن شيءِ کان وڌيڪ سڪ آهي، پنھنجي اڳاڻي اتھاس ۽ سڀيتا لاءِ سنيھ آهي، پوءِ چاهي اھا ھندوءَ جي يا مسلمانن جي آهي، پر آهي سنڌواسيءَ جي ۽ سموري سنڌي قوم جي. سنڌ ۾ ھي ويچار رڳو اڳاڻي زماني لاءِ نه پر ھاڻوڪي زماني لاءِ به ظاھر ڪيا وڃن پيا. ھاڻوڪي زماني واري ورھاڱي کان اڳ، واري تاريخ کي ھندو مسلم جي ڀيد ڀاو واري نظر سان نه پر ھندو مسلم جي اُلفت جي اک کان ڏٺو وڃي ٿو ۽ مسلم ليگ جي تعصبي نگاه واري وھنوار ۽ وِچار کي ترڪ ڪيو پيو وڃي.

مشھور شاعر نياز ھمايوني پنھنجي يادگيرين ۾ لکي ٿو، ”مسلم ليگ سنڌي مسلمانن کي، ھندن جي ملڪيت ڦرڻ جا آسرا ڏيئي پنھنجي ليڊري نه چڪائي پر ھنن ۾ ڪو به سياسي ۽ سماجي شعور پيدا نه ڪيو.. انتري قدر جو ڪانگريسي ورڪر جڏھن ڀھراڻن ۾ وڃي انھن کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪندا ھئا نه ھو کين ڪافر ڪوٺي ساڻن وڙھڻ ايندا ھئا.”

اھا ساڳي ڳالھ سنڌ اسيمبليءَ جي ھاڻوڪي ميمبر مسٽر ظفر شاھ بـــ ڪئي آھي. ھو لکي ٿو، ”جڏھن پاڪستان ٺھي رھيو ھو لـــ سنڌين پنھنجي سادي سياه

۾ ٻي سمجهيءَ مان... پنهنجي هم وطن، هم ٻولي ۽ هم ثقافت ماڻهن (هندن) کي لُٽي ڪڍيو... اسان حد کان وڌيڪ لالچ ڪئي."

اهڙي ئي ڏک مان محمد عثمان ڏيپلائيءَ "شيخ المشائخ" ڪتاب ۾ هڪ تعصبيءَ ۽ تنگدل پير ابراهيم خليل سرهنديءَ کي جيئين، راجا ڏاهر جي ۽ هندن خلاف اوڳاڙيل زهر کي زبردست رد ڏيندي، ظلم کان تنگ ٿي سنڌي هندن جي لڏڻ جو ذڪر ڪيو آهي: "اوهين جيڪڏهن نوابشاهه، حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ انهن هندن لمي هندن سان ٿيندڙ ظلم اکين سان ڏسو ها ته خبر پوءِ ها ته پنهنجا آڏيا رهه ڪري ڪير ٿو ڇڏي... ان وقت اسٽيشن جي پر ۾ شرڻارٿي ڪئمپ ۾ رهندڙ عورتن سان جيڪي ظلم اوهان جا پيارا ڪندا هئا، آهي شل خدا تعاليٰ دشمن کي به نه ڏيکاري!"

پير حسام الدين راشديءَ نه صاف چيو آهي، "ماڻهو ڇا به چون، پر حقيقت هيءَ آهي ته پاڪستان هتي ڪراچيءَ ۾ اسان ٺاهيو، جنهنجو مقصد هو هندن کان اقتصادي برابري ۽ استحصال (ايڪسپلائٽيشن) کان سنڌ جي مسلمانن کي آزاد ڪرڻ... پاڪستان ذريعي اسان بهشت جي تمنا ڪئي هئي، پر معاملو دوزخ کان به وڌي ويو."

هو پنهنجي ڪتاب ۾ نه هندن جي مهما ڪندي لکي ٿو، "حقيقت ۾ سنڌ کي هندن آڏيو. ملڪ کي انهن سينگاريو ۽ سنواريو... هندن دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان خزانا ڪٺي، اچي جيڪي ڪڏن مٿان ڪڏ آڏيا هئا، خدا جي فضل سان اسان انهنجي اڄ سر نه ڇڏي سر ڪي." (هو ڏوٿي، هو ڏينهن).

سنڌ لاءِ اهڙي سڪ ڏيکاريندڙ راجا ڏاهر کي، سائين جي. ايم. سيد ۽ پيا قومي شاگرد، جوان ۽ ليک پنهنجو هيرو سمجهن ٿا. پر جيڪي تنگدل ۽ تعصبي انجي مخالفت ڪن ٿا، تنکي مخاطب ٿيندي، جيئي سنڌ واري جوان عبدالواحد آريسر "صدين جون صدائون" ڪتاب ۾ لکيو آهي، "جيڪڏهن رسول پيغمبر بادشاهه جي پوڄاري (نوشيروان) جي تعريف ڪري سگهي ٿو ته اسان پنهنجي قومي هيرو ڏاهر جي تعريف ڇو نه ٿا ڪري سگهون؟"

هو پنهنجي سنڌي هئڻ ۽ سنڌ ڌرتيءَ تي فخر ڪندي پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو، "اسين ١٥ هزار سالن کان سنڌي آهيون. اسين پاڪستاني نه هئاسين، پر سنڌي هئاسين، مسلمان ڪو نه هئاسين، تڏهن به سنڌي هئاسين، سنڌي هئڻ جو سرٽيفڪيٽ اسان کي سنڌ ڌرتيءَ ڏنو آهي.... اسان کان سنڌي هئڻ جو حق ڪنهن به طرح ڦري نٿا سگهو."

ليڪن ھڙا خيال ڀٽي صاحب کي پاڻ نه ڀيا. ان
ڪري ئي الهنجو اثر ٽوڙڻ لاءِ ھن جيئي سنڌ ۽
سنڌو ديش جي حامي شاگردن، جوانن ۽ اديبن سان
انيڪ ڄاڻون ڪيون. ان ۾ جيئيدم جو ڪنهن وقت
جو ساٿي، شيخ اياز به شامل، جيڏي پل ڪري، سنڌ
يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلري قبولي، ڀٽي جو
ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو. البت ٻنهي ڄڻن سنڌين سان
ڪي ڀال به ڀلايا. جيئي سنڌ ۽ سنڌو ديش جي جذبي
ٻسان نمتار ادب ڀٽي (مرحوم) جي ئي دور ۾ لکتو
ھو، جيتوڻيڪ ھن ڪيترن ئي سنڌي رسالن ۽ مخزنن
تي بندش به وڌي ھئي.

ڀٽي پنھنجي گدي سلامت رکڻ لاءِ پنجابين ۽
مھاجرن کي خوب خوش ڪيو. ليڪن انھن پنجابين
ئي ھتان شھيد ٿيڻو پيس. البت آخر ٿائين جھڪيو
ڪونه ۽ پنھنجو ڳاٽ اوچو ڪري امر ٿي ويو.

ڀٽي بعد فوجي ڊڪٽيٽر ضياءالحق جي ظلمي،
ڏيردونس واري راڄ ۾ جيئي سنڌ ۽ سنڌو ديش جي
جذبي وارو ساھت گھڻو گھٽجي ويو آھي. جھونا
اڪثر ماٺ آھن ۽ نون ۾ آتساھ ڪونھي. ان حالت
جو چٽر جمال آبڙي ھيئن چٽيو آھي:

١- سچ نه وڻي سرڪار کي، جوڙ نه وڻي رب،
سر سونھو نيزي مٿي، ايءَ حسيني حب،

ٻــڙن جي ٻيڙا جي، ڪي دلبر سهڻا ڏيهه ۾
لڀي لـــ سگهيا لـــب، جمال آيو جلال ۾.
۲- ڪانهي مٺائي ماٺ ۾، يارو مٺي آهي ماٺ،
ڪرائيءَ سان ڪاٺ، ماٺائيءَ جي ماٺ ڪئي،
ٻون ٻون جي ٻرمار سٽين، ڏاڍ ڏمر ڏهڪاءِ،
سمجهو ٿو سرو پـــاءِ، مونائي هٽينس منهن ۾.
(سرتاج – ۱۹۰۲)

ليڪن فوجي راڄ جي ستن سالن ۾ جيڪي سنڌ ۽ سنڌو ديش جي جذبن جو اثر ٽٽي نه ويو آهي، جن ڪتابن ۾ ليڪن مان به ظاهر آهي- سنڌ، سنڌي ٻولي، سنڌي قوم ۽ ورثي ۽ هندن جي ياد لئي قلم آزمائي اڄ به ٿيندي رهي ٿي.

قاضي فيض محمد جون "يادون" ڪتاب ۾ ليکڪ لکي ٿو، "... هنن جاهلن (حڪمران مفڪرن) اسلام جي اها گنت ٻڌائي آهي جو اڄ ٻار ٻچو اسلام جي نالي کان ٻهو ڀڄي. هنن جي اسلام ۾ جاگيرون، زمينداريون، سرمائيداريون، آفيسر شاهي جنجو ڌنـڌو ٿي آهي ڦرلـٽ، مذهب آهي عيش عشرت، ظلم، تشدد (هنسا) سڀ جائز آهي."

"ڪنهن ڪتاب" ۾ رئيس لطاطليءَ هندن جي ڏرب جون ڪهاڻيون، هولـي، ڏيـاري، ٿـڏڙي، جنماشٽميءَ جي رهـــ چهر، هندو ڌرم ۽ ڪلاسيڪل

# جيئي سنڌ گيت جو ڪوي جتوئي

آزادي، امن ۽ انسانيت جي اعليٰ ۽ بي باڪ جذبن سان ٽمٽار گيت "جيئي سنڌ، جيئي هند" جو رچيندڙ انقلابي ڪوي حيدر بخش جتوئي (مرحوم) سنڌ ۽ هند ۾ وراهيل ۽ وڇڙيل سنڌين جي محبت ۽ ميلاپ جو مجسمو آهي. سنڌي قوم ۾ هن وانگر پنهنجي آدرش ۽ آدرش لئي سچائي، سورهيائي ۽ صاف گوئيءَ سان ثابت قدم رهڻ وارا رهبر ڇڏا پاڌا نظر ايندا. هو باشعور شاعر هو ۽ اٽل ارادي وارو لڙاڪو انسان هو. هاري هلچل جو روح روان هو ۽ "جيئي سنڌ" نعري جو جنم داتا هو. پهاڙيءَ جو جيئي سنڌ جي سوڀ (ڦن ڀونت جي) ٽٽڻ جي خبر ٻڌي وڃي ساڻس سڪالو ٿيو.

دلبر دوست جتوئيءَ سان اڄ ١٩٤٤-١٩٤٧ واري زماني جون حيدرآباد (سنڌ) ۾ ساڻس ڪيل ڪچهريون پيئون ياد اچن. هو ڄائو هو موهن جي دڙي ڀرسان بکو ديرو جي ڳوٺ ۾، پر سندس دائمي ديرو حيدرآباد ۾ ئي هو. الي الهندي ڪچي ۾ جنهن چونڪ ۾ سندس لال رنگ واري جاءِ هئي، ان کي اڄ "حيدر چونڪ" سڏيو ٿو وڃي. هن پنهنجي مڪان جو هيٺيون طبقو هاري هلچل جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. اتي ئي اڪثر شام جو جاني جتوئيءَ سان آزادي، سوشلزم،

هاري مزدور ۽ هندو مسلم مسئلي وغيره تــي بحث مباحثو پيو ٿيندو هو ۽ ميٽنگون ميڙ به ٿيندا هئا.

هو لڪي چوري ڪري نه ڄاڻندو هو. سچ ته مرد چون ڪنهن کي وڻي نه وڻي. خاص ڪري تعصب ۽ تنگدليءَ تي خوب طعنه-زني پيو ڪندو. هن لاءِ سچو مذهب انسانيت هئي. اڪري خدا جي هستيءَ ۾ ئي وشواس نه هوس. ليڪن علم ۽ اڀياس، اسلام ۽ هندو ڌرم ٻنهي جو هوس. اهڙين ڳالهين ۾ طنز ۽ مذاق کان خوب ڪم وٺندو هو. ڪي پنهنجا شعر پڙهائي کلائيندو هو. چي:

١- تون جي آدم جو خدا، ڪير آ شيطان جو خــدا،
ڪير ڪافر جو خدا، تون جي مسلمان جـو خـدا.
٢- يا خدا تون آهين خالـق ڪ مان خالـق تنهنجو؟
٣- جيڪڏهن تنهنجو جهان ســارو گلستان ٿئي هـا،
هر جڳهه عيش عشرت سندو سامـــان ٿــئي ها،
جـي ســدا صلح، و امــان حص، انسان ٿئي ها،
تنهنجي الــلهه پڻي ۾ ڪهڙو نقصان ٿئي هـــا.

هي ٻاغي شعر حيدر بخش جتوئيءَ جي ١٨٠ سٽن واري مشهور ”شڪوه“ ۾ چيل آهن. ان ۾ شاعر خدا کي جهان ۾ ڦهليل بي انصافي ۽ بي بندوبستگي، نفاق، ڀيد ڀاو، ويڙه جهيڙو وغيره خلاف شڪايت ڪري گويا هنجي هستيءَ کي للڪاريو آهي. هيءَ واقعي انقلابي گفتار آهي جنهنتي وڏو ممڙ مچي ويو. ملن، مولوين هن

لاءِ ڪفر جي فتويٰ صادر ڪئي. جتوئيءَ جي 'لطف سند' نالي مجموعي ۾ جيڪو هي 'شڪوه' ڇپيو هو، ان تي بندش وجهڻ لاءِ روايت پرست ۽ رجعت پسند وڙهون ڪرڻ لڳا. اهو زمانو ١٩٣٠ جو هو ۽ جتوئي خود سرڪاري مختيارڪار هو. مجموعي تي نه رڳو بندش پيئي، پر جتوئيءَ کي نيچو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي.

لطف سند ۾ شڪوه کانسواءِ ٻين قسمن جا شعر-غزل، رباعيون، مثنوي، قصيدو، مذاقي نظم به ڇپيل آهن. البت ٻولي ڪجهه ڏکي آهي. انجو اهو سبب ٿو نظر اچي جو جتوئيءَ بي - اي ۾ پارسيءَ ۾ امتيازي (ڊسٽنڪشن) مارڪون کنيون هيون. پارسيءَ جو گهڻو اثر ٿيل هوس.

ان مجموعي ۾ حيدربخش جي ٻهرين-ٻهرين لکيل ڪوتا "درياه شاه" ڇپيل آهي جا اڄ اڌ صديءَ بعد به نت نئين پيئي لڳي. هن اها ڪوتا ١٩٢٥ ۾ پنهنجي ڪاليجي زماني ۾ لکي هئي. ان ٻهرين ٻهرين ڪوتا ئي کيس سنڌي شاعرن جي اول صف ۾ آڻي بيهاريو هو.

"درياه شاه" ڪوتا سنڌ ڀوميءَ جي مٽيءَ جي مهما ۽ وطني حب جي هڪڙا سان لمتار آهي. اها سچ ته سنڌو نديءَ جي استتيءَ جو گيت آهي. ١٩٦٤ ۾ سنڌ ۾ شاهه لطيف جي ورسيءَ ۾ ڀاڱو وٺڻ وقت مونکي

حيدرآباد ۾ پنهنجي يار جتوئيءَ جي والان اهو ٻڌڻ جو
موقعو مليو هو. هتي ان ڪوتا مان رڳو جنس طور مٿ
پيش ڪريان ٿو:

١- ٿي ساڻوڻ ۾ ٿوڪسي ٻهاري ٿئي،
ٻهاريءَ ۾ خوش خلق ساري ٿئي،
ٿي 'ساريءَ' سان ڌرتي ۽ ڪاري ٿئي

٢- ڀلا اوج تنهنجي! ڀلا موج تنهنجي
عجب تنهنجون ڇوليون! ڏين واه جون لوليون
هي لوليون ٿيون ٻوليون ڪري نين ساهہ!
ڀلي آئين جي درياه شاه!

"تحفہ سنڌ" لي نندش ٻوڻ لي جتوئيءَ کي عجب نہ لڳو ڇو جو ان جي مهاڳ مان لڳي ٿو تہ ڪيس اهڙا ٻرون پيا ٿي. ان ڪري ٿي ان ۾ لکيو هئائين تہ هي شعر پڙهي دوست ۽ دشمن ٻئي ٻون ٻر جتوئي پنهنجي اظهار کي دٻائڻ لاءِ تيار نہ هو. ڇون تہ تہ ٻندش وقت ٿي هن سرڪاري نوڪريءَ کي نوڪر هٽڻ ٿي چاهي، ۾ پنهنجي ٻيءَ جي زور ٻار لي اڳين لڪائين. ليڪن هن جي وفات بعد ١٩٤٥ ۾ سرڪار جي ڏٺي ڪليڪٽر واري نوڪريءَ تان استعفا ڏيئي ڇڏيائين. جنرل ڪمشنر لي ان وقت جتوئيءَ کي هيڏي وڏي عهدي ۽ مان شان واري نوڪري ڇڏڻ کان منع ڪئي ۽ ان قدم کي انتها ڪري سڏيو هو. ليڪن هي انقلابي

ٻار اياڻپ سياڻپ جي اوڪ ڊوڪ نه ڪري، ٻئي پيءُ، مان مرتبي ۽ شخصي سک جي پرواهه نه ڪري سرڪاري غلاميءَ واري نوڪريءَ کي ٺوڪر هڻي، قوم جي خدمت جي ڪارڻ ۾ جنبي ويو.

ياد ٿو اچيم ته ڪيئن نه ان وقت استيفا ڪري جتوئيءَ کي سنڌ سڄي کن سائين پون پون ڪري اچي ورتو هو. نيڪ اهڙيءَ طرح ئي جڏهن ١٩٦٠ ۾ مون پنهنجي رفيق جتوئيءَ جي نقشي قدمي ڪري سنڌي ٻوليءَ جي هلچل خاطر پنهنجي پڪي سٺي سرڪاري نوڪريءَ تان استيفا ڏني هئي، تڏهن ڪن دوستن قدر ڪرڻ عيوض ٽيڪا ٽپڻي ڪئي هئي. ڪي ته اڄ به پنهنجي ڪمزوري لڪائڻ لاءِ منهنجي ان قدم کي غلط سمجهندا آهن!

جي. ايم. سيد پنهنجي ڪتاب ”جنب گذاريم جن سين“ ۾ جتوئيءَ جي استيفا بابت لکي ٿو ته اڃا تائين به جڏهن ڪي ڪامورا ڪيس چوندا آهن ته هن وقت نوڪريءَ ۾ هجين ها ته سينئر ڪليڪٽر يا ڪمشنر جي عهدي تي هجين ها، ناحق انهن ماڻهن لاءِ پنهنجو مستقبل خراب ڪيئه، جن وٽ تنهنجو قدر ناهي، ته هن جو جواب اهو هوندو آهي ته منهنجو مستقبل قوم جي مستقبل کانسواءِ ڪجهه ناهي. جيڪي ڪيو اٿم ان تي باوجود مشڪلاتن جي، خوشي اٿم،

ارمان ڪونہ اٿم.

حيدر بخش جتوئي هڪ نڊر ڪاليدار هاريءَ جي ڪٽنب جي پاليو ۽ سرڪاري آفيسر جي حيثيت ۾ هارين سان جيڪي وڌل وهندا ڏٺا، تن هن کي هاري هلچل ۾ ٽپي پوڻ لاءِ آماده ڪيو. هن جي واڳون وٺڻ سان هاري ڪاميٽي هڪ جاندار جماعت ٿي پيئي. سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ هاري حقدار جو نعرو گونجڻ لڳو. اهڙي وقت ۱۹۴٦ ۾ هن جي شعر جو پهريون مجموعو 'آزادي قوم' شايع ٿيو. ان جا کي ٽڪر جتوئيءَ اسان جي ليکڪن ۽ دوانن جي ٺاهيل تنظيم سنسٿا "پروگريسو گروپ" ۾ پڙهيا هئا، جنهن ۾ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، ليکراج عزيز، ليرف بسنت، وشنداس جگتياڻي، گهيمل مولچنداڻي ۽ ٻيا پاڻ وٺندا هئا.

هن مجموعي ۾ ۸۵۵ سٽن جي هڪ ئي وڏي ڪوتا جنهن کي پارسيءَ ۾ "مخمس" چئبو آهي، ڇپيل آهي. اهو هر هڪ هندستاني جي ٿالي ارپڻ ٿيل آهي. جدا جدا طبقن وارن ماڻهن جو آزاديءَ بابت ڪهڙو ويچار آهي، شاعر انهن تي روشني وجهندي هندن -مسلمانن کي ايڪتا ڪرڻ ۽ شاگردن، مزدورن هارين ۽ استرين کي آزاديءَ لاءِ جدو جهد ڪرڻ لاءِ للڪاريو آهي شاعر جو رخ سوشلسٽ آهي، آزاديءَ جي وشيه تي لوڙي سوشلسٽ رخ واري اهڙي وڏي ڪوتا

سنڌيءَ ۾ بي ڪا نہ لکي ويئي آهي. جتوئيءَ جي ڪلام جي هڪ خاص خصوصيت آهي طنز ۽ نازڪ مذاق، جن کان هن "آزادي قوم" ۾ تير ۽ نشتر جو ڪم ورتو آهي. البت ٻولي ڪٿي ڪٿي دقيق آهي.

"آزادي قوم مان ڪجهہ شعر هيٺ پيش ڪريان ٿو جن مان حيدر بخش جي آزاديءَ لاءِ تڙپ جي تصوير نظر اچي ٿي. ڇي:

١- جيئرو آهــي اهو جــو ٻين لاءِ جيئي،
جيئرو آهي اهــو سر جو ٻين لاءِ ڏئي
شاه آهي اهو جــو شهادت جو پيالو ٿو پئي
خون شهادت جي سبب پاڪ ٿو زمَ کان ٿئي
پاڪ، پاڪائي سندو ساز آ آزادي قوم.

٢- نوڪرون ڪائي ۽ شب روز نہ ٻي مان ٿي مرو
موت نيت ٻه هندو سيان ڇو نہ اڄ انسان ٿي مرو،
گهر کي بستر کي ڇڏي ديس تي قربان ٿي مرو،
خاڪي پتلو جمي، خورشيد درخشان ٿي مرو.

٣- جيڪڏهن هند مثل آ نہ آ زنــده ڪير
ڇا هي ڇاليهہ ڪروڙ جو آ مڙدن جو ڍير
هاءِ! اڄ ڪوئي مسيحا ٿي هت گهمائي پير
جو جيئاري مثل، ڪئي سب ولر ۽ مير
جنهن جي ٻين جو نشان ناز آ آزادي قوم.

۽ آزادي آئي، هر ملڪ کي جيئرو ڪرڻ بدوان

جيڏن کي مٿل ٻڌائي ڇڏيائين. ورهاڱي اهڙا ڪلور ڪيا جو پاڻ پاڻ جي خون جو پياسي بڻجي پيو. حيدر بخش ۽ سندس ساٿين ڪم ڪندڙن اهڙي ڪٺن سمي هندن جي پوري حفاظت ڪئي. هن لڏپلاڻ وقت اسان سان هنجون هاري موڪليو.

پاڪستان ٺهڻ بعد به جتوئيءَ جي سڄي زندگي جدوجهد واري رهي. هن هارين کي نه رڳو سندن حق لاءِ سجاڳ ڪيو، پر سنڌي جنتا سان ٿيندڙ ستم خلاف پڻ جاڳايو. پوءِ اهو ظلم ڪراچي کي سنڌ کان ڪسڻ وارو هو يا ون يونٽ ٺاهي سنڌ جي هستي مٽائڻ وارو هو يا پنجابين ۽ مهاجرن طرفان سنڌي ٻولي تهذيب تمدن ۽ تاريخ کي ختم ڪرڻ وارو هو يا ڊڪٽيٽر شاهي طرفان لوڪشاهيءَ کي دٻائڻ وارو ستم ڇو نه هو.

هارين جي حق لاءِ حيدربخش جتوئيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ اپريل ١٩٥٠ ۾ ڪراچي ۾ سنڌ اسيمبلي کي سڄيءَ سنڌ مان آيل هزارين هارين طرفان ڪلاڪن جا ڪلاڪن تائين ڪيل الهاسڪ گهيراءُ سدائين ياد رهندو پوليس ۽ فوج جي اڳالي موجود هوندي به گهيراءُ ٽوڙي ڪوبه وزير يا ميمبر اسيمبليءَ کان ٻاهر نڪري نه سگهيو. نيٺ حيدربخش ۽ ٻين هاري عيوضن کي اسيمبليءَ ۾ گهرائي ساڻن ڳالهيون ڪيون ويون ۽ سندن گهُر قبولي "سنڌ ٽيننسي ايڪٽ" پاس ڪيو ويو.

اهڙو نئي تاريخي مظاهرو حيدرآباد ۾ ٢٢ نومبر ١٩٦٧ تي سڄي سنڌ مان آيل هارين طوفان ون يونٽ ٽوڙڻ ۽ جيئي سنڌ جي حمايت ۾ ڪيو ويو. هزارين هارين سنڌي لباس پائي "جيئي سنڌ" ۽ "هاري حقدار" جي بئج لڳائي هئي. هن شاهي ميڙ ۾ حيدر بخش جتوئيءَ جي صدارت هيٺ ون يونٽ ٽوڙڻ ۽ سنڌ جي زرعي، اقتصادي، تعليمي، تهذيبي ۽ تمدني حقن جو پڌرنامو بحال ڪيو ويو.

پاڪستان جي تاناشاهي حاڪمن کان اهي عوامي حقن جون ڳالهيون ڪٿي ٿي هضم ٿي سگهيون. انڪري جتوئي لاءِ بندش ۽ بند بخاني جو سلسلو شروع ٿي ويو. هو جڏهن ٿي لوڪشاهيءَ لاءِ، انصاف لاءِ، هارين لاءِ زمين، ٻولي جي ڪيتر سرشتي لاءِ ون يونٽ ٽوڙڻ لاءِ، سنڌي ٻوليءَ لاءِ پمفليٽ لکندو وڃي، تيئن انهن تي بندش پوندي وڃي ۽ اڪثر وقتن تي ڪيس جيل ۾ وڌو پئي ويو. مارشل لا جي ڏهن سالن واري ڊڪٽيٽري حڪومت ۾ ٧، ٨ سال ته هو جيل يا نظربندي ۾ رهيو. هڪ دفعو ١٩٦٠ ۾ هڪ پمفليٽ لکڻ ڪري مارشل لا ڪورٽ ڪيس تي سال ٽيپ ڏني. ان وقت ڪچهري کي ڪوٺي برابر هو. ٽيل لڳي پيو پاڻي ٿي پيو. پر انڪري هو مڙيو مولٽيو ڪونه. ١٩٦٩ ۾ گرفتاريءَ وقت مارشل لا ڪورٽ ۾ "جيئي سنڌ" جا نعرا هڻندو گهڙيو.

فوجي جج جي مٿئن لوڙي سخت سزا ڏيڻ جي ڌمڪيءَ کان به نه ڊنو. چيائينس ته تون ڇا به ڪر، پر مان جيئي سنڌ نعري تان هٿ نه کڻندس.

پڇاڙيءَ جي گرفتاريءَ وقت جتوئيءَ ١٩٦٩ ۾، جڏهن شيخ مجيب الرحمان کي سائين جي. ايم. سيد ڪراچيءَ ۾ دعوت ڏني هئي، تڏهن، ملٽري ڪورٽ جي وارنٽ کان پاڻ بچائي هو اتي اچي پهتو. ان وقت سنڌ متحده محاذ جي به ميٽنگ هئي جنهن ۾ هن راڄنيتي نظربندن ۽ قيدين جي آزاديءَ جي طلب جو نعراءُ بحال ڪرايو. ٻاهر پوليس هنجي گرفتاريءَ لاءِ اچي پهتي. هن کي ان جي پرواه نه رهي، هو کلندو ئي رهيو، پر ٻين کي ڏاڍو ڏک پئي ٿيو. جڏهن شيخ مجيب جي دعوت جو پروگرام پورو ٿيو تڏهن جتوئيءَ شيخ ۽ ٻين سان کلي ڀاڪر ملي موڪلايو. شيخ مجيب جي دل ڀرجي آئي. ٻين حاضرين جون به اکيون آنسن سان تر ٿي ويون. هڪ حاضرين زال ته اٿين به چيو، ڪاش! مان پنهنجي پٽن کي هتي وٺي اچي ها ته بهادر انسان ڏيکاريان ها، جيڪو ڪيئن نه هڙڦي گهڙي وانگر موت جو مقابلو ڪري ٻڌس ماٺهو ٿي ٿو رهي. پير علي محمد راشدي لکي ٿو ته ان وقت شيخ مجيب رحمان کيس چيو، ”ڇا توهين اسان مان اها اميد رکو ٿا ته هن ملڪ جي رعيت ٻڌجي رهون، جتي هڙپون ڳالهيون روا ليکجن ٿيون.“

شيخ مجيب، تاج الدين، نذر السلام ۽ ٻيا جتوئيءَ
کي ٻاهر دروازي تائين ڇڏڻ آيا جتي پوليس ڪٽڙي
هئي. هي جانباز جوڙو جيئي سنڌ جا نعرا هڻندو پوليس
جي جيپ ۾ وڃي چڙهيو. اتان سڌو ڪيس هڪ ڪليل
ٽرڪ ۾ نوابشاهه وٺي ويا. جتي جيل ۾ ٿي سندس وات
مان رت وهي نڪتو. بيماريءَ ڪري هن کي ڪجهه
وقت پوءِ آزاد ڪيو ويو. ليڪن هو ان مان وري نه اٿيو
۽ ٢٠ مئي ١٩٧٠ تي سدائين لاءِ آبدي ننڊ ۾ سمهي پيو.

حقيقت ۾ حاڪمن هن سورهيه سپوت کي جيل
جون تڪليفون ڏيئي سندس جان وٺڻ ٿي چاهي. ان
سلسلي ۾ سائين جي. ايم. سيد پنهنجي ڪتاب ”پاڪستان
جو ماضي، حال ۽ مستقبل“ ۾ لکي ٿو ته ’مغربي پاڪستان
جي گورنر جنرل موسيٰ پاڻ پبلڪ ميٽ ۾ چيو هو ته هن
عملدارن کي حڪم ڪيو ته جتوئيءَ کي خراب جيل ۾
رکو ۽ سائنس جيل ۾ اهڙي روش اختيار ڪريو جيئن
مري وڃي.‘

ليڪن هيءُ حيوانن کي ڪهڙي خبر ته حيدر بخش
جتوئي ته پاڻ سدائين لاءِ امر ٿي ويو آهي. اڄ ڪيس
”بابائي سنڌ“ (سنڌ جو ابو) جي خطاب سان ياد ڪيو
وڃي ٿو جنهن ڳوٺ بکوديرو ۾ سندس جنم ٿيو ان
جي ريلوي اسٽيشن تي سرڪاري طور حيدر بخش
جتوئي اسٽيشن جو نالو ڏنو ويو آهي.

جاني جتوئي نه رڳو انقلابي ڪاوش ڪري امر

رهندو ۽ پڻ پنهنجي باغي ڪلام ڪري به سدائين ياد
رهندو. ورهاڱي کانپوءِ ته هن جو ڪلام تازگي ۽ توانائي،
سادگي ۽ سونهن، فن ۽ فڪر کان وڌيڪ نکري پيو
آهي. هتي به عاليشان غزل آهن جي ڪنهن زماني ۾
نئين دنيا ۾ پيدا ٿيا، انهن ۾ هن طنزي نوع ۾ ڊڪٽيٽري
راڄ تي نهايت نزاڪت سان گهري چوٽ هنئي آهي.
هڪ غزل جو هن ١٩٦٩ ۾ ڇپايو هو، ان ۾ چوي ٿو ته
قيد ۽ ڪڙيون، زندان ۽ زنجيرون آزاد انسان کي ماري
نه سگهنديون:

جتي ڪٿي به آ، آزاد آهه مرد آزاد
ڪڙين ۾ قابو سهي، قيد ۾ اسير سهي.
اڏي ويا خاڪ ٿي زنجير زور ۽ زندان،
ڪٿي سگهي ٿو ڀلا تاب حق شرير سهي.
هزار حيلا ڪيائون مگر مري نه سگهيا،
جي دل دماغ جا آزاد هئا فقير سهي.

ان غزل جي هيٺين شعرن ۾ ڊڪٽيٽري راڄ تي
ٽٽولي ڪندي چوي ٿو ته انقلاب زنده باد ۽ پاڪستان
شاد جا نعرا هڻندڙ حاڪم عوام کي ڌڪي، سندن زبانون
بند ڪرائي ۽ وڌيڪ ڦٽي ويا آهن.
اڄ وڃي نه هتي "انقلاب زنده باد" عوام نه
سهي ۽ سپاهي امير آهي. هي دور فوج خوشا! شاد باد
پاڪستان، زبانون بند سهي، زخمل ضمير سهي. آخر ۾
شاعر پنهنجي طرز جو نشانو خدا کي به بڻائي چوي ٿو:

سدا بهار رهين خالق آسمان اندر
زمين لي ظلم سهي، راڙ ڦار چير سهي.

بيو غزل جو ڪجھ سال پوء جو لکيل آهي، ان ۾ چوي ٿو:

ستمگر جي شمعن کي مشعالن کي
شرر شر ۾ ظلمات چوندا رهياسين.
سڪندر کي سامهون ستمگر سڏيوسين
وڏي وات ڪمذات چوندا رهياسين.

ان ڪانپوء جتوئي جو گهڻو ڪلام جيئي سنڌ هلچل جي دور جو لکيل آهي، جيڪا ون يونٽ ٽوڙڻ لاء ١٩٦٧ ۾ چوٽيءَ تي پهتي. ان دور جا سنڌس مکيه شعر آهن: ”سنڌ پياري“، ”اي مٽي جيجل“، ”سلام سنڌ“ ”اي سنڌي وڏيرا...“ ”حيوان انسان“- ”پاڪستان زنده باد“ ۽ سينني ڪان مکيه ۽ اهم شعر ”جيئي سنڌ، جيئي هند“.

هلچل ۽ هنگامي واري وايو منڊل ۾ لکيل هي شعر جوشيلا ۽ جذباتي آهن. جيڪي اهي پڙهي ڪنهن چهانڻ جي همت نه ڪئي ان ڪري حيدر بخش کي پاڻ ڇپائڻا پيا. کي ته سدا ’نئين دنيا‘ ۾ پهريون ڇپيا ويا. پاڪستان سرڪار هنن شعرن لکڻ لاء جتوئيءَ کان ويهه هزار روپيا ضمانت گهري ۽ هڪ ٻه شعر ته ضبط به ڪيا.

متين سهني شعرن کان بهترين جيئي سنڌ وارو گيت جنهن مان لي جيئي سنڌ جو نعرو سنڌيت جي هلچل کي مليو ۽ خوب لوڪپريه ٿيو. ان ڪانپوء ’سلام عليڪم‘

جي ٻڌران ’جيئي سنڌ‘ سان ڪيترن جو رواج پيو. هيءَ ڪوتا سچ پچ شاهڪار اکٽيءَ جون سڪون لي لاهي. اهو اڄ سموري سنڌ جو گويا قومي ترانو ٿيو لڳي. ان مان سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن جي ٻه جهلڪ ملي ٿي. سندس هڪ هڪ ٻند ته دلڪش آهي ئي پر جڏهن هيئنيار ٻند پڙهجن ٿا تڏهن جتوئي اعليٰ جرئت ۽ عالمگير عظمت جون حدون ڇهندو نظر اچي ٿو:

١- ”ياءِ آ پنهنجو هر انسان“
پنهنجو آهي هي ايمان!
پنهنجو آهي هي اسلام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!

٢- ڪيتو فتنو ٿئي برباد!
قرب محبت زنده باد!
پنهنجو آهي هي پيغام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!

٣- جيئي هند ۽ جيئي سنڌ!
جيئي جيءُ مٺو هر هنڌ!
پيار بهار ٿئي عام ۽ جام!
جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!

حيدربخش جتوئي ڪوتائن ڪانسواءِ ڪهاڻيون، ناٽڪ ۽ مضمون به لکيا، جيڪي اڪثر هارين جي جدوجهد بابت آهن ۽ ”هاري ڪهاڻيون“، ”ڪمدار جا ڪارناما“ ۽ ”هاري انقلاب“ مجموعن ۾ ٻلامبند ٿيل آهن.

۾ لکي هئي. جنهن ۾ جوالامکي جهڙي طاقت ڇپي وئي ٿي. اها رچنا قرآن شريف تي روبرو آهي جنهن جو ذڪر هن يارهون سال ۱۹۶۴ ۾ سنڌ جي سفر وقت پنهنجي گهر گهرائي ڪچهريون ڪندي ڪيو هو. ڇپائين ته اهو گرنٿ هتي پاڪستان ۾ ته نه ڇپبو، پر انگلنڊ ڇپائڻو پوندو. ان لکيل ڪتاب جي تصديق جي-ايم-سيد به پنهنجي ڪتاب 'جنب گذاريم جن سين' ۾ ڪيو آهي ۽ چيو آهي ته جتوئي ان کي پورو ڪرڻ ۾ چار سال لڳايا ۽ ضرور بي مثل هوندو. هو وڌيڪ لکي ٿو ته 'پاڪستان جهڙي مذهبي جنون واري ملڪ ۾ جتي تنگدلي ۽ ڪٽرپڻو حد درجي تي پهتل آهي، اتي اهڙي تصنيف ڇپجڻ يا پڙهڻ برداشت ٿي سگهي ٿي يا نه؟

اهڙا بي مثل ڪتاب رڳو حيدر بخش جتوئي جهڙو انقلابي لکي ٿي سگهيو، جيڪو سنڌي قوم جو ڳاٽ سدائين لاءِ اوچو ڪري ويو.

With Best Compliments From :

Phone : 26 21 27

# FRIENDS

## Enterprises

Exporters & Dealers of :

* CURIOS * INDIAN HANDICRAFTS

* GEMS * GARMENTS

We Send Gift Parcels Overseas.

33, Rex Chambers, Opp. Red Gate, Indira Dock,
W. H. Marg, Ballard Estate, BOMBAY-400 038.

---

With Compliments

## M/s. Satguru Construction Andheri

(Builders & Contractors)

Mohini Mansion, Ground Floor,
Behind Anand Cinema, THANE (E), Bombay 400 603.

*With Best Compliments from*

TEL : 475850

## M/s Priya Estate Agents

(PROP. VINOD G. MEHTA)

Always contact agents of repute,
for your property dealings.

Add. Bhagnari Co-op. Housing Society Ltd.,
B-46, 3rd Floor, Duncan Causeway Road,
Chunabhati (Sion East) Bombay-4000 022.

---

K. G. Mody

Phone: 33 82 39
Resi : 62 48 34

## BARIA TUBE & HARDWARE MART

SELF LOCKING NELOC NUTS

Allen Cap & Grub Screw, Bolt, Nut Washer,
Pipe Fitting, Mill-Gin Electrical Goods
Merchants & General Suppliers

110, Narayan Dhuru Street, BOMBAY-400 003.

With Best
Compliments From.

# PALS HOTEL

ADD. COTTEN GREEN,

BOMBAY-400 033.

سنڌي سکو

سنڌي لکو

سنڌي ڳالهايو

سنڌي پڙهو

هڪ سنڌيت پريمي

• اڄ ئي خريد ڪريو •

# بش بئرن ڊيلڪس




ڊسٽريبيوٽرس :

## ماڊرن ٽريڊنگ ڪمپني

آپيرا هائوس، ممبئي-٤٠٠٠٠٤.

With Best Compliments From :

# ASSOCIATED APPAREL (PVT) LTD.

SEWRI, BOMBAY-400 015.

Liberty REGD.

SHIRTS — VESTS — BRIEFS

SPORT SHIRTS

AVAILABLE AT ALL LEADING STORES

# سنڌ ۾ نئين سجاڳي

هتي سنڌڙيءَ مان عابده پروين جي هڪ ڪئسيٽ آئي آهي. اُن ۾ هندو ڳائڻ سنت ڪنور رام جو مشهور ڪلام ”ڪيئن ريجهايان توکي، ڪيئن پرچايان“ پڙهيل آهي. آخر ۾ ڀڳت ڪنور وانگر ئي ”هري رام“ لفظن سان پوڄ پاتو اٿس. اسانجي هن سنڌ ڌرتيءَ جي ڌياڻيءَ، جنهنجي ڳائڻ ۾ ڪلاسيڪل ۽ لوڪ سنگيت جو مٺو ميلاپ آهي، سا اڄ نه رڳو سنڌين جي اول ڳائڻي آهي پر سنڌ هند جي ڪنهن به ٻوليءَ جي ڳائڻيءَ سان برميچندڙ آهي.

عابده، سنت ڪنور رام جو ڪلام اهڙيءَ سِڪ ۽ سوز مان ڳاتو آهي جو ائين ٿو لڳي ڄڻ سنڌ هند جا وڇڙي ويل ۽ رٺل سنڌي ڀائر هڪ ٻئي کي پرچائڻ لاءِ پڪاري رهيا آهن. ان سان گڏ سنت خود ۽ سنڌ جو اهو سمو اکين اڳيان ڦرڻ لڳي ٿو. اسانجي هن لوڪ-ڳائڪ، جيڪو سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ، اَصل ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڄاتل سڃاتل هو، تنهنکي مذهبي پاڳلن شهيد ڪيو هو. هندن خميشن، ڪنور ڀڳت جو آواز گهٽڻ ٿي چاهيو ليڪن اڄ اهو آواز هند ۽ سنڌ ۾ پوري آب تاب سان گونجي رهيو آهي. اڄ سنڌ ۾ نه صرف عابده پروين ڪنور جو ڪلام ڳائي پئي، پر سنڌالاجي وارن نـ

ڪنور جي ڪلام جي ڪٿ نسبت ڪڍي آهي جو ڏيکاريندو ته سنڌ ديس ۾ اڄ تائين سڀاڳيءَ جي لهر زور وٺي رهي آهي، جيڪا پنهنجي گڏيل هندو مسلم ڪلچرل ۽ قومي ورثي کي صديءَ سڀاڳ ۽ سنڀالڻ جي پوري ساڃهه رکي ٿي. خاص ڪري سنڌ جو نئون نسل پاڻ کي فرقيپرستيءَ جي مذهبي مرض ۽ تعصبي تنگدليءَ ۾ جڪڙڻ نٿو گهري. هو نئين زماني سان نئين روشني ۾ اڳتي وڌڻ چاهي ٿو. اُنجي اُبتڙ اُتان جو فوجي حاڪم ٻن قومن واري نظريي مطابق هندن مسلمانن ۾ دائمي ويڇو قائم رکڻ چاهي ٿو ته سوين سال پٺتي موٽي، هر چيز کي جهوٺي اسلامي رنگ ۾ رڱڻ ٿو گهري.

ڪمال ته اهو آهي ته خود پاڪستان جي جنم داتا قائد اعظم جناح پنهنجيءَ پهرين تقرير ۾ چيو هو ۽ واعدو ڪيو هو ته هاڻ هندو ۽ مسلمان جو ڪو به فرق نه رهندو. اڄ فوجي حاڪم کي جناح صاحب جو اهو سڀڪجهه ياد آهي پر هنجي اها تقرير ياد ناهي. ضياالحق، جناح صاحب جو جنتا سان ڪيل انجام کي پاڙڻ کان ٽاري ٿو واري، مگر ستن سالن کان عام چونڊون ڪرائڻ جو پنهنجو قول به اڃا نه پاڙيو اٿس.

سياوڪ ماڻهن ۾ ناراضپو آهي، جنهن اڳي نازڪ هلچل مان به پڌرو ٿيو.

سنڌ جي عوام تي حاڪمن طرفان گهڻي ۾ گهڻي بي انصافي ٿيندي آهي. هنن جي دلين ۾ محروميءَ جو احساس پيدا ٿيو آهي. جنهن سبب ئي هن هلچل ۾ سنڌي عوام جوش خروش سان حصو ورتو. اصل دور دور ڳوٺن ۽ ٻهراڙين ۾ جوانن جوانڙين، شاگردن ۽ ودوانن هارين ۽ زميندارن به فوجي راڄ ختم ڪرڻ، لوڪشاهي واپس قائم ڪرڻ ۽ عام چونڊون ڪرائڻ لاءِ زوردار آواز اٿاريو ۽ پاڻ کي گرفتار ڪرايو. ههڙي نموني جي هيءَ ٻهرين هلچل هئي، جيڪا آزادي کان اڳ ۾ انگريزن جي ڌاريءَ سرڪار خلاف، ڪانگريس جي هلچل کان متاثر پئي لڳي. فوجي سرڪار اُنکي ڪچلڻ لاءِ ويهن تي نهن جو زور لڳايو ۽ فوج کي وڏي پيماني تي استعمال ڪيو. ايتري قدر جو هلچل ٽٽي ٿي وڃڻ بعد به فوج ٻهراڙين ۾ رهي پيئي هئي، جنهنجي واپس گهرائڻ لاءِ زوردار گهر به ڪئي وئي هئي.

اُن سلسلي ۾ حيدرآباد جي مشهور روزاني اخبار ”عبرت“ هڪ رپورٽ ڇپي ته هن هلچل ۾ شهيدن جي مائٽن، قيدين ۽ ٻين تڪليفون سٺل ماڻهن سان همدردي ڪرڻ لاءِ ليکڪن، دانشورن ۽ ڪارڪنن جي هڪ ٽوليءَ پنجاهه کن ڳوٺن ۽ شهرن جو دورو ڪيو.

اُنهي اڳواڻي سنڌ يونيورسٽيءَ جي اڳوڻي وائيس چانسيلر سيد غلام مصطفيٰ شاهه ۽ ٻرک اديب ۽ عالم، محمد ابراهيم جويو ڪئي. هنن پنهنجي بيان ۾ چيو ته سنڌين سان زيادتيون ٿيون آهن ۽ طلب ڪيائون ته ٻهارين مان لشڪر کي هٽايو وڃي.

سنڌين سان هن فوجي حڪومت ۾ جيڪا ڏاڍائي ۽ بي انصافي ٿي آهي، اُن جي قبوليت خود ان سرڪار جي طرفداري ڪندڙ مخزن "اُردو ڊائجيسٽ" جي ايڊيٽر الطاف قريشيءَ به ڏني آهي، جنهن سنڌ جو دورو ڪري اکين ڏٺو احوال پنهنجيءَ مخزن ۾ لکيو آهي. هو هڪ هنڌ لکي ٿو: ان ۾ شڪ ناهي ته مارشل لا جي زماني ۾ سنڌي عوام، پوليس ۽ مالدارن جي زيادتين ۽ ظلم ستم جو نشانو بڻيو آهي. فوجي آفيسرن به ان ۾ اضافو ڪيو آهي.

هو وڌيڪ لکي ٿو: "سنڌين کي اِئين محسوس ڪرايو ويو آهي ته سنڌين تهذيب، تمدن ۽ ٻوليءَ کي ختم ڪيو وڃي ٿو، سنڌين پڳهه لائي ويٺي آهي. ان ڪري هلچل ۾ اندروني سنڌ جي هر شخص ڀرو ورتو آهي."

اها حقيقت به آهي ته سنڌين جي ٻوليءَ، تهذيب ۽ تمدن کي اُن ۽ ٻين جي ٻولي ۽ ڪلچر ڪوليو ويو آهي. هنن تي اِي ڌاري ٻولي ۽ ڪلچر مڙهڻ جي

ڪوشش ڪئي ويئي آهي ۽ سندن تاريخ ۽ تاريخي
ماڳن سان به هٿ چراند ڪئي ويئي آهي، جنهن سرڪار
پرست اردو هفتيوار ”اخبار جهان“ ڪي ذليل ملاقاتن ۾
سنڌ جي پنهنجي چونڊ جي ودوانن (جن ۾ ڪي
ليکڪ، وڪيل، ڊاڪٽر به آهن) علي احمد بروهي،
نور الدين سرڪي، علي نواز وفائي، پي. ڪي. شهاڻي
۽ سليمان شيخ چيو آهي. ان ڳالهه تي ٻڪراءِ
آهن ته سنڌ سان سنڌس ٻولي. ڪلچر، تاريخ ۽
روايت جي سلسلي ۾ به اڪيائيءَ وارو ورتاءُ ڪيو ويو
آهي. نه رڳو ايترو پر سنڌ جا آرٿڪ (اقتصادي) ۽
راڄنيتڪ حق به هڙپ ڪيا ويا آهن. ان ڪري ئي
اڄ ”سنڌي لوڪشاهي هلچل لاءِ رستن تي نڪري
نروار ٿيا آهن.“

علي نواز وفائيءَ ائين به چيو آهي ته ”سنڌو ديش
جي تحريڪ جيڪڏهن آهي ته پوءِ اهو سوچڻ کپي
ته ان جو سبب ڪهڙو آهي؟“

اهڙي نموني جو اظهار ان سرڪار پرست ”اخبار
جهان“ جي ايڊيٽر پنهنجي ٻئي هڪ پرچي جي
سمپادڪي وچار ۾ هينءَ ڪيو آهي: ”٨١ سالن
جي بزرگ جي. ايم. سيد ...... پاڪستان ڪي توڙڻ
جي پنهنجي چاهنا ڳجهي نه رکي آهي ....... هنجي
خيالات ۾ غلطي ٿي سگهي ٿي، مگر ان کي ٻڪدم

رد ڪرڻ سياڻپ ڪانهي. هن جي سوچ لــي ٻهرو ٿو
رکي سگهجي. هن جي خيالات کي دليل جي ڪسوٽيءَ
تي ڪسڻ گهرجي."

اهڙي ئي لهجي ۾ سنڌي روزاني اخبار "هلال
پاڪستان" جي ايڊيٽر پنهنجي سمپادڪي وچار ۾
لکيو آهي، "طاقت ۽ ڏاڍ کي ترڪ ڪري، سنڌ جي
عوام جي نتل هــردي تي چنبو وجهڻ لاءِ مصالحتي
اُپاءَ ورتا وڃن."

خــود چوٽيءَ جي ســنڌي ساهتڪارن به هن
لوڪشاهيءَ لاءِ هلايل هلچل جي حمايت ڪئي آهي،
جنن مشهور ليکڪن غــلام مصطفيٰ شــاهه (سنــڌ
يونيورسٽيءَ جو اڳيون وائيس چانسيلر ۽ سنڌ ڪوارٽرلي
جو ايڊيٽر) شاعر تنوير عباسي، شمشير الحيدري، فتاح
ملڪ، نجم عباسي، نــور الديــن سرڪي، فقير محمد
لاشاري، ڪرم الاهي چنا، چانڊيــو منير احمد، ڪي.
ايم. پنوهر وغيره طرفان "ويو پائنٽ" (انگريزي
هفتيوار) کي ڏنــل هڪ بيان ۾ به چيو آهي ته هو
سنڌ جي تازيءَ هلچل جي حمايت ڪن ٿا ۽ مارشل لا
هٽائــي آزاد چونڊون ڪرائڻ، سياسي پارٽين تان
بندش لاهڻ ۽ گرفتار ڪيلن کي آزاد ڪرڻ جــي گهر
ڪن ٿا: هيءَ هلچل سنڌي عوام جي هلچل آهي. ان
کي ڌارين ملڪن جي اُساهــت تحت چــوڻ، عوامي

طاقت ڏانهن اڪيوٽ ڪري آهي. هڪ سؤ کان مٿي شهيدن پنهنجون جانيون قربان ڪيون آهن، سوين ڄڻين ۽ گولين سان زخمي ٿيا آهن ۽ هزارين جيلن ۾ ويا آهن.

هن وڌيڪ اهو به چيو آهي ته "ڪانفيڊريشن واري لوڪشاهي سرشتي سان ئي پاڪستان جي چئن صوبن جو قومي مسئلو حل ٿي سگهندو. خود غرضيءَ واري اسلامڪ فارمولا ڪم نه ڏيندي."

مٿين ڏنل حوالن مان ظاهر آهي ته هيءَ لوڪشاهيءَ جي هلچل مارشل لا ختم ڪرائڻ، عام چونڊون ڪرائڻ ۽ ١٩٧٣ واري جوڙجڪ کي قائم ڪرڻ ۽ ملڪ ۾ لوڪشاهيءَ کي واپس آڻڻ لاءِ هڪ عوامي تحريڪ هئي، جنهن ۾ سوين جانيون قربان ٿيون ۽ هزارين ماڻهو جيلن ۾ ويا، جن مان ٥٠٠ کن زالون هيون.

اهو به ظاهر آهي ته فوجي سرڪار هن هلچل کي نگهوسار ڪرڻ لاءِ ملٽري کان تمام وڏي پيماني تي ڪم ورتو آهي. سنڌي عوام به مقابلي لاءِ ملٽريءَ کي روڪڻ لاءِ ميلن جي ميل رستن تي وڏا شاهي وڻ ڪيرائي ناڪابندي ڪئي ۽ ريلوي جي ٣٠٠ ڪلوميٽر پٽڙن ۽ ٣٠-٤٠ اسٽيشنن کي اهڙو ته نقصان رسايو جو هلچل ختم ٿيڻ کانپوءِ به ٽي مهنا ٽرينن جي آمدرفت بند هئي، جيئن سرڪار پرست اُردو هفتيوار اخبار

”جهان“ ۾ ريلوي ڪالي جي ڇپيل رپورٽ پڌائي ٿي.

اها اخبار لکي ٿي: ”سنڌ جي هلچل ۾ زوردار ڀرو وٺندڙ، سنڌي ٻوليءَ جي قوميت سان واسطو رکندڙ آهن، جن جي اڪثريت ڳوٺن ۾ رهي ٿي. پر ائين چوڻ نه آهي **وڏيرن** جي اشارن تي نچندڙ آهن ۽ سنڌي عوام کي ڪي شڪايتون يا طلبون نه آهن، سو سراسر افسوس ناڪ، غلط ۽ گمراهه ڪندڙ آهي. سنڌي عوام کي ٻوليوار ۽ تهذيبي شڪايتن سان گڏ، روزگار جون ۽ راڄنيتي شڪايتون به آهن. سنڌين اقتصادي ۽ سياسي مسئلن کي به ٻوليوار رنگ ۾ رڱي ڇڏيو آهي.... ائين به نه سمجهڻ کپي ته جن هن تحريڪ ۾ حصو نه ورتو، سي ڪي حڪومت جا طرفدار هئا يا آهن... هيءَ سچ پچ **عوامي تحريڪ هئي**..“

اخبار وڌيڪ لکي ٿي: ”سنڌين ۾ اهو احساس وڌندڙ آهي ته سنڌ جي محرومين جو ڪو ٻلو پئي ڪرڻ بدران، انتظامي طاقت سان منهن ڏنو ٿو وڃي.... اها دکدائڪ حقيقت آهي ته ١٩٧٣ واري جوڙجڪ ۾ مقرر ٿيل پرانتڪ خودمختياري جي لڳاتار انحرافي ڪري اسان وسيع صوبائي خودمختياريءَ کان وٺي ڪانفيڊريشن تائين جي نعرن کي ڦهلجڻ جو وجهه ميسر ڪيو آهي.. اڄ سڀ کان پهرين فيڊرل پاڪستان جي سيني صوبن کي اهڙيءَ طرح راضي رکڻو پوندو....

جن کين ۽ صوبي کي پنهنجن حدن کان ٻاهر، پنهنجي هستيءَ لاءِ ڪا به ڪشش محسوس نه ٿئي. ۽ اُنهي ذميواري اسانجي اڄ جي قومـــي نصيب جي نگهبانن تي آهي.”

خود هن سرڪار پرست اخبار جـي مٿينءَ رپورٽ مان ظاهر آهي ته ڪيئن نه سرڪار سنڌي عوام جـي جائز حقن حقوقن، شڪايتن ۽ طلبن جو جـوڳـو تدارڪ ڪرڻ بدران، الٽي پنهنجي فوجي طاقت سان دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انڪري پاڻ سنڌين پنهنجن اقتصادي (آرٿڪ) ۽ سياسي مسئلن کي بـــه ٻوليوار (يعني سنڌي قوميت ۽ ڪلچر جو) رنگ ڏنو آهي.

سنڌ جي عوام هن لوڪشاهيءَ جي هلچل کي اصل پنهنجي پـرانتڪ خـود مختياريءَ جي هلچل سمجهي آهي، جنهن مٿي سرڪار پرست ”اخبار - جهان“ جـي حوالي مان ۽ پڌرو آهي. جنهن خود سرڪار کي ڏوهه ڏنو آهي ته ١٩٧٣ جي جوڙجڪ جي پيڪڙي ڪري اصل ڪانفيڊريشن جي نعري جي ڦهلاءَ کي هٿي ڏني آهي. هن سرڪار کي ٻهرين صوبن کي راضي رکڻ جي ڪم ڪرڻ جي صلاح ڏني آهي.

”اخبار - جهان“ وانگر ٻي سرڪار پرست روزاني اُردو ”جنگ“ ۾ ساڳئي وقت لکيو ته هاڻي سنڌ جي عوام مان محروميءَ جو احساس مٽائڻ جو تدارڪ پڻ

ڪيو ٿو وڃي ته ته وري هي ۽ سنڌ جيڪا طوفان اچڻ
کان اڳ واري حالت ۾ آهي، سا ڪڏهن به وقت اوچتو
ڦاٽي سگهي ٿي. پوءِ جي. ايم. سيد کي هٿي
ملندي ته لوڪشاهي واپس ۽ جو نعرو مدي خارج آهي.

ان ساڳيءَ اخبار اڳئي پرچي ۾ اهـا به خبر ڇپي
آهي ته سنڌ ۾ تازي هلچل وقت ”سنڌو ديش“ جي
نعرن جي حوصلي افزائي ڪئي وئي آهي ۽ لوڪشاهي
بحاليءَ جي هلچل وارن جا لکيل نعرا ته رڳو يڪدم
ڊاٿا وڃن ٿا، پر ”پاڪستان بچايو“ جا نعرا هڻندڙن
کي گرفتار ڪري تشدد (هنسا) جو نشانو بڻايو ٿو وڃي.
ساڳئي وقت سنڌو ديش جي حامين کي کلم کلا سرگرمين
جي اجازت آهي ۽ کين گرفتار نٿو ڪيو وڃي.

جماعت اسلاميءَ وارن جي روزاني اخبار ”جسارت“
سنڌ جي سپتري ڊاڪٽر حميده کهڙو خلاف زهر اوڳاريو
آهي. ٥- فيبروري واري پرچي ۾ هڪ خبر ڏيندي
لکيو آهي تـه ”نيو سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن
ڊاڪٽر حميده جي اُن تقرير کي زوردار ننديو آهي
جا هن جي. ايم. سيد جي ٨١ جنم ڏڻ جي موقعي
تي ڪئي، جنهن ۾ هن چيو آهي تـه سنڌي مڪمل
آزادي چاهين ٿا ۽ نوجوانن کي اُردو پڙهڻ جي ضرورت
ڪانهي. ان جماعت طلب ڪئي ته ان وطن - دشمن ۽
شرارتي تقرير لاءِ ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڊاڪٽر

حميده کي يڪدم يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن ۾ پنهن عهدن تان برطرف ڪيو وڃي.”

هي ڪو پهريون دفعو ڪونهي جو جماعت اسلامي وارن جي جماعت ٽوڙي اخبارن، مخزن سنڌيت جي سائين خلاف زهر اوڳاڙيو آهي. ياد رهي ته ١٩٦٤ ۾ جڏهن ڀارت جو سنڌي ليکڪ جوڙو آلم ۽ سندري سنڌ ويا هئا ته جماعت اسلامي وارن هنگامو مچايو هو ته هو ڀارت جا جاسوس ۽ پاڪستان جا غدار آهن ۽ جن جن سان گڏيا تن خلاف ان جماعت سرڪار کي رپورٽون ڪيون، جئن هنن خلاف قدم کڻي. نه رڳو اهو پر جڏهن ١٩٦١-١٩٦٢ ۾ سندري اُتمچنداڻيءَ جا ٻه ناول ”ڪرندڙ ديوارون“ ۽ ”پريت پراڻي ريت نرالي“ سنڌ ۾ هڪ ئي پٺيان ٻه ٻه دفعا ڇپيا هئا تڏهن به ان جماعت وارن ۽ سندن اردو مخزن ”زندگي“ پاران گوڙ مچايو ويو هو، جيتوڻيڪ ڪنهن پارٽي سنڌي اديب جا اهي پهريان ڪتاب ڇپيا هئا. ان جي ڀيٽ ۾ پارٽي اردو اديبن جا الاهي ڪتاب اڳي ڇپجي چڪا هئا.

البت هاڻي اهڙي اڳين حالت ناهي جو گذريل سال ٽن مهنن ۾ سندريءَ جا ٽي ڪهاڻين جا مجموعا ٻنڌڻ، پوري ۽ ٿو جنهن جي تلاش، هڪ ئي پٺيان لڳاتار ڇپيا ته به ڪنهن شور غل نه مچايو، الله

ٿيو ته معلوم ٿيو ته حميده کهڙي جي خيال موجب سنڌ ۽ بلوچستان جو عوام مرڪز ۾ ڀاڱي (برابري) چاهيندو. يعني ته مرڪزي اسيمبليءَ ۾ ٻه سينيٽ وانگر سڀني صوبن کي هڪ جهڙو عيوضيٽو ملندو ته نوڪرين ۽ فوج ۾ ٻه، جيئو ٽيڪ فوج بابت سمجهوتو ٿي سگهي ٿو .... ۽ مان صوبي جو بنياد، ٻوليوار بنيادن تي رکان ٿي ۽ انکي فيڊرل سرڪار جو هڪ خود مختيار يونٽ سمجهان ٿي."

اخبار اڳتي لکي ٿي ته "هڪ نوجوان طرفان پڇيل سوال (ته توهانکي پاڪستان کي ٽوڙڻ مان، ڪجهه ملڻ پوندو يا نه) جي جواب ۾ چيو ته اسين ان کي ٽوڙڻ نٿا چاهيون. ليڪن سنڌ ۾ اهڙيون حالتون آهن جو ڪنهنکي اُنجو نالو ٻڌڻو آئڙي. البت اُتي هاڻي علحدگي جو ذڪر سخت مايوسيءَ سبب ٿئي ٿو ۽ اهو ڪو باقاعدي رٿيل منصوبو ناهي. انڪري ماڻهن کي سياسي انتظام ۾ شريڪ ڪيو وڃي ۽ محرومين جو احساس دور ڪري آئينديءَ جي خطرن جو بندوبست ڪيو وڃي.

"ڊاڪٽر حميده کهڙو کان پڇيو ويو ته ڇا سرڪاري ملازم هوندي به راجنيتي جلسا ڇو ٿا ڪوٺايو ته وراڻيائين: ملڪي مسئلن تي سوچڻ منهنجو حق آهي. ضرورت تي ته اوڪري ڇڏي ٻڌائيندي ايجن وقت

ايڊيس، جيڪي پڙهڻي ماڻهو سمجهن ٿا ....."

اخبار- جهان آخر ۾ لکيو آهي ته "خبر ناهي حميده کهڙو ڪيترن سنڌين جي نمائندگي ڪري ٿي .... پر اهو احساس تيز ٿيندو ٿو وڃي ته چونڊيل سياسي حڪومت تمام ضروري آهي ته ته رشتا ناتا جي اسان ڪي هڪ ٻئي سان ملائيندا ٿا، سي هڪ هڪ ٿي ٽٽي رهيا آهن. اڳي اڳي ٿي ڪاهي وڌندي وڃي ٿي ۽ دوري هڪ هڪ مدت بعد وڌندي وڃي ٿي ... خدا ڪري جلد اها دوري ختم ڪري سگهون، رشتا ڳنڍي سگهون ۽ ڪو راڄڌاني انتظام ڪاميابي سان هلائي سگهون."

جيتوڻيڪ مٿين رپورٽ معلوم ناهي ته ڪيتري قدر صحيح آهي ته به اڄ اُدي حميده، سنڌ - هند جي هڪ سورهيه ۽ صاف گو سپيڪري آهي جنهن علم، ادب، سياست ۽ سنڌيت جي ڏس ۾ پاڻ خوب موڪيو آهي. هوءَ سنڌ ۾ نئين سڄاڳيءَ جو هڪ سونهون آهي ۽ نئين سنڌي نسل جي نمائندگي ڪري ٿي.

هن نئين سڄاڳيءَ جي سڌ، خود ان "اخبار-جهان" ۾ هلايل بحث ۾ ڇپيل عام سنڌين جي ويچارن مان به پوي ٿي، جنهن اُدي حميده بخوبيءَ ترجماني ڪري ٿي. نوابشاهه جي هڪ ليڊيءَ ٽيسر ان اخبار ۾ ڊاڪٽر حفيظ الرحمان جي سنڌين خلاف لکيل خط کي منهن ٽوڙ جواب ڏيندي چيو آهي، "صوبا پهريان موجود هئا

۽ پاڪستان ٻوءِ ٿيو، صوبن جي تاريخ پاڪستان کان
گهڻو گهڻو آڳاٽي آهي. ان لحاظ کان سنڌين جي ٻولي
به آڳاٽي آهي. اگر اهي صوبا نه هجن ها ته پاڪستان
جو ٿيڻ به ممڪن نه هو. اسين جي پنهنجي ٻولي،
ڪلچر يا شاندار ماضيءَ تي فخر ٿا ڪريون ته ان ۾
ڪهڙي اَربع خطا آهي... اسين صوبائي، جمهوري
(لوڪشاهي) حق چاهيون ٿا، خود مختيار صوبائي
حيثيت چاهيون ٿا. غلامي پسند نٿا ڪريون.... برابري
۽ انصاف طلبيون ٿا."

تبسم جي خط بعد اخبار وٽ سوين اهڙا خط آيا،
جن مان هڪ سؤ کن ڇپيا به. ڪي ٿورا خلاف به هئا.
جيٺن بيگم راشد (نوابشاهه) لکيو، "اندروني سنڌ
۾.... توهانکي سنڌو ديش جا نعرا لکيل نظر ايندا.
اُتي قومي (پاڪ) جهنڊي کي ساڙيندا آهن ته ڪير
پاڪستان جي بانيءَ جو نالو به ٻڌڻ نه چاهيندو آهي.
هيءَ علحدگي پسندي ناهي؟.... مهاجرن کي گهر،
مائٽ، مال ڇڏڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ توهانکي
ته گهر ويٺي پاڪستان مليو."

غلام قاسم (خيرپور) جواب ڏنس ته، مهاجر......
پنجاب ڇو نه ويا؟ اُتي اسٽيشن تي ليکي، ڪن روڪڻ
۽ مٿا پٽڻ لاءِ ڏنڊا کڻيو بيٺا هئا. پيئڻ لاءِ پاڻي نه
ملين، اسانکي پاڪستان مان نه معاشي، نه سياسي، ا،

ڪاهڙل ۽ نه ٻوليءَ جي آزادي ملي.

منظور مشوري (لاڙڪاڻو) لکيو: "سنڌي...... موهن جي دڙي جا وارث آهن، ڪين ۵۰۰۰ سال قديم تهذيب تي فخر آهي. اها سنڌين کي عظيم ٻڌائي ٿي ۽ عظيم ٻڻجڻ لاءِ مسلمان هئڻ ضروري ناهي.

ايس. اين. شيخ (شهداد ڪوٽ) ته سنڌين جي راڄنيتي، آرٿڪ، تهذيبي، تمدني، تعليمي وغيره حقن جون ٦٠ گهرون ڏنيون، جن ۾ مرڪزي اسيمبلي، ڪئبينيٽ، فوج، نوڪرين ۾ برابري، سنڌيءَ کي سرڪاري ۽ قومي ٻولي ڪرڻ وغيره به آهي. جڻ اهو سنڌ جي خود مختياريءَ جو چارٽر آهي. اهو پڙهڻ سان بزرگ اديب ۽ عالم محمد ابراهيم جويي جي انوقت "سنڌ ڪوارٽرلي" (انگريزي) ۾ ڇپيل خط جي اهميت پيٽي ٿي وڃي ٿي. هن اهو خط ٣٥- جون ١٩٤٧ تي سنڌ اسيمبلي ميمبرن کي سنڌ جي آئيندي جي جوڙجڪ ناهڻ لاءِ لکيو هو. هن گهر ڪئي ته اسين سنڌي خود مختيار ۽ آزاد دولت آهيون. اسان کي پنهنجن آرٿڪ وسيلن تي پورو حق آهي. اسان کي پنهنجيءَ مرضيءَ موجب قانوني ۽ ڪاروباري ڪم هلائڻ گهرجي ۽ بک، بيروزگاري، بي علمي ۽ ڊپ کان ڇوٽڪارو ملڻ کپي.

جيڪڏهن ان خط کي ڪن نه پڙهو، ڪماڙيءَ لکيو





مٿين فوٽن ۾ الـــم ۽ سنڌري (١٩٦۴) ۾ ايڪ شاعرن. جي
سمان، ح. راشدي، م. ا. جويو، اڪبر جدا، گرامي، طالب الم
رباني، سراج، ٻلي، شمشير الحيدري، عبدالواحد سنڌي وغيره.